الصَّلوٰة والسَّلام عليك يارسول الله



# موتي مٽيادار

شاعر

غلام حسين "مشتاق" سچاروي



سرواٽ پبليڪيشن

سچاروي هائوس، A-11 جي او آر ڪالوني
حيدرآباد، سنڌ

غلام حسين "مشتاق" سچاروي
سرواٽ پبليڪيشن

# موتي مٺا دار

حمد ۽ نعت جو ڀرپور اظهار

## شاعر

غلام حسين "مشتاق" سچاروي

## سروان پبليڪيشن

A -11 سچاروي هائوس جي او آر ڪالوني حيدرآباد سنڌ

فون: 2781712 -022

موبائيل: 9371724 -0300

كتاب جو نالو : موتي مٽيادار

مؤلف : غلام حسين "مشتاق" سچاروي

ڪمپوزنگ : السنڌ ڪمپوزرس، هاشمي ڪالوني

لطيف آباد نمبر ۴ حيدرآباد، فون:

0333-2690612

قيمت : ۰۰-۱۵۰ روپيه

طبع سال : ۲۰۱۲ء

تعداد : ۵۰۰

ڇپيندڙ پاڪيزه پرنٽنگ پريس

نزد عبرت پريس گاڏي کاتو حيدرآباد Ph: 022-2720642

ناشر : سرواڻ پبليڪيشن A_11 سچاروي هائوس

جي او آر ڪالوني حيدرآباد سنڌ

فون: 2781712 -022

موبائيل: 9371724 -0300

# انتساب

حمد ۽ نعت جو ڀرپور اظهار ”موتي مٽيادار“ اهڙن عاشقان رسول ﷺ ڏانهن دل جي اٿاهه گهراين سان منسوب ڪيان ٿو، جن جي پوري زندگي حبِ رسول ﷺ جي رنگ ۾ رنگيل ۽ رچيل رهي ۽ جن جي نگاهِ فيض سان مون کي حمد ۽ نعت لکڻ جي سعادت نصيب ٿي.

خدا رحمت کند اين عاشقانِ پاک طينت را

مَولَایَ صَلِّ وَسَلِّمْ دَآئِمًا اَبَدًا
عَلٰی حَبِیْبِكَ خَیْرِالْخَلْقِ كُلِّهِمِ
(بوصيري)

وَاَحْسَنُ مِنْكَ لَمْ تَرَ قَطُّ عَیْنِیْ
وَاَجْمَلُ مِنْكَ لَمْ تَلِدِ النِّسَاءُ
خُلِقْتَ مُبَرَّاً مِنْ كُلِّ عَیْبٍ
كَاَنَّكَ قَدْ خُلِقْتَ كَمَا تَشَاءُ
(حضرت حسان بن ثابت رضی اللہ عنہ)

بَلَغَ الْعُلٰی بِكَمَالِهٖ
كَشَفَ الدُّجٰی بِجَمَالِهٖ
حَسُنَتْ جَمِیْعُ خِصَالِهٖ
صَلُّوا عَلَیْهِ وَ اٰلِهٖ
(شيخ سعدي)

سچڻ تنهنجي ساراهه جا لفظ سارا،
بلاشڪ املهه موتي مرجان آهن.
ڪٿي ڪين سگهبي ڪڍهن تن جي قيمت،
اهي عڪس آيات قرآن آهن.
مشتاق سچاروي

موتي مٺيادار رب جي ذات آهه،
سنڌ وارن لاءِ هڪ سوغات آهه.
جنهن جي ڪئي تعريف خود مولا ڪريم،
هي انهيءَ سهڻي نبي جي نعت آهه.
مشتاق سچاروي

# فهرست


| نمبر شمار | عنوان | صفحه نمبر |
|---|---|---|
| ١ | تبصرو | ٧ |
| | محبوب سروري | |
| ٢ | = = = = = = | |
| | ڊاڪٽر حبيب الله صديقي | ٢٠ |
| ٣ | = = = = = = | |
| | شبير هاتف | ٢٣ |
| ٤ | حقيقتِ حال | ٢٤ |
| | مشتاق سچاروي | |
| ٥ | حمدِ باري تعاليٰ | ٢٩ |
| ٦ | نعت نبي ﷺ (سنڌي) | ٣٥ |
| ٧ | = = = = = = (سرائڪي) | ٩٧ |
| ٨ | = = = = = = (اردو) | ١٠١ |
| ٩ | = = = = = = (فارسي) | ١٠٤ |
| ١٠ | = = = = = = (عربي) | ١٠٩ |
| ١١ | ذڪر حسين عليه السلام (سنڌي) | ١١١ |
| ١٢ | = = = = = = (اردو) | ١٢١ |

# موتي مٽيادار

## نعتيه شاعري جو ڀرپور اظهار

تبصره: فقير محبوب سروري

**شاعري:**

معياري شاعري شوقيه، شهرت پسند ۽ ”ٺڙڪو“ شاعرن جو شغل نہ آهي، نڪي سندن وس جي ڳالھ آهي.

شاعري وڇوڙيل ۽ وڍيل، دکويل ۽ درد مند دل جي دانهن آهي.

شاعري هر ڪنهن سڏڙئي شاعر جي ”ڪسبي“ ڪوشش جو ڪارنامو نہ آهي.

شاعري اهل دانش، اهل عشق ۽ اهل دل جي اندر جي آه آهي ۽ قلبي قوت جي ”وهبي“ صلاحيت آهي. شاعري الله پاڪ جي خاص عنايت خدا داد خوبي آهي، جنهن کي الله پاڪ اها نعمت عطا ڪري!.

اها نعمت نہ دولت سان خريد ڪري سگهجي ٿي نہ طاقت سان حاصل ڪري سگهجي ٿي.

شاعري محبت واري من جي موروثي ملڪيت آهي جنهن کي ڪو بہ زور دار، زردار، زوريءَ ڦٻائي نہ ٿو سگهي.

ماضي ۾ سنڌ سونهاري ۾ ڪيترا الله لوڪ، ولي الله، بزرگ شاعر ٿي گذريا آهن جن پنهنجي معياري ۽ مان واري شاعري سان سنڌي سڀاجهن جي روحاني رهنمائي ڪئي.

موجوده دور ۾ نئين نسل جا نوجوان شاعر ۽ ڪي بزرگ شاعر پنهنجي ”معياري شاعري“ سان روح پرور محفلون رچائن ٿا ۽ قيمتي ڪتاب ڇپائن ٿا جن مان هر ماڻهو روحاني حظ حاصل ڪري ٿو. پنهنجي آڏو اڄ بہ اهڙو ڪتاب سامهون آهي جيڪو نعتيه شاعري جو نادر نسخو آهي، جيڪو عنقريب منظر عام تي ايندو.

اهو ڪتاب آهي ”موتي مٽيادار“ جنهن ۾ هڪ معياري شاعر جو

معياري نعتيه ڪلام آهي.

## اهو شاعر ڪير آهي؟

والله! اهو شاعر مون، تا دم تحرير اڄ تائين ڏٺو ناهي، مليو ناهي نڪي مون کي ياد اچي ٿو تہ سندس ڪلام مون ڪٿي پڙهيو آهي!!

هيءَ بہ عجيب ڳالهہ آهي تہ هن بہ مون وانگي ايم اي جي ڊگري سنڌ يونيورسٽي مان حاصل ڪئي آهي ۽ علامه قاسمي صاحب مون وانگر سندس P.H.D جو گائيڊ رهيو آهي مگر اسان جي ملاقات ٿي نہ سگهي!!

اهو شاعر آهي محترم غلام حسين ”مشتاق“ سچاروي صاحب جنهن مون سان هڪ مهينو کن اڳي موبائيل فون تي ملاقات ڪئي ۽ سندس نعتيه ڪتاب ”موتي مٽيادار“ تي تبصرو ڪرڻ يا راءِ لکڻ لاءِ چيو.

موبائيل فون تي رابطي وقت مون عرض ڪيو تہ آءٌ توهان جي نعتيه ڪتاب تي ڪجهہ لکان تہ اهو مون لاءِ باعثِ اعزاز آهي، پر هن وقت بيماري جي بستري تي پيو آهيان. پنهنجي ڀهراڙي جي ڳوٺڙي ۾ پنهنجي جهوپڙي ۾ رهيو پيو آهيان. مون لاءِ اوهان وٽ پهچڻ ڏکيو آهي. آءٌ پنهنجي فرزند پروفيسر شاهہ جهان کي قاسم آباد ۾ فون تي چوندس تہ توهان سان اچي ملي ۽ ڪتاب حاصل ڪري.

انهيءَ بعد ٻئي ڏينهن پروفيسر شاهہ جهان، مشتاق سچاروي سان وڃي مليو، جنهن کيس ٽي ڪتاب ڏنا:

١- جام ڪوثر (ڇپيل)
٢- موتي مرجان (ڇپيل)
٣- موتي مٽيادار (اڻ ڇپيل)

هنن ڪتابن مان مصنف جي مڪمل معلومات هن طرح ملي:

(۱) محترم غلام حسين ”مشتاق“ سچاروي ولد رئيس ڀڏو خان ڳوٺ شهداد خان برهماڻي.

(۲) هڪ خوشحال خاندان ۾ پيدا ٿيو.

(۳) تعليم ايم اي، ايل. ايل بي (گولڊ ميڊل ۽ سلور ميڊل)

(۴) درس نظامي جو فارغ التحصيل
(۵) مختلف ڪاليجن ۾ سروس ۱۱ سال
(۶) ۱۹۶۸ع ۾ پاڪستان ۾ آرمي ايجوڪيشن ڪور ۾ سيڪنڊ ليفٽيننٽ مقرر.
(۷) ڊسمبر ۱۹۷۱ع ۾ سقوط ڍاڪا بعد ”جنگي قيدي“ طور ٻه سال ”جنگي قيدي“ بريلي ۽ ميرٺ جي ڪيمپن ۾ رهيو تاهم شاعري جو سلسلو جاري رکيائين.
(۸) ۱۹۷۸ع ۾ ڪيپٽن جي عهدي مان رٽائر ٿيو.
(۹) ميرپورخاص ۾ اعزازي فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ اٺ سال.
(۱۰) حيدر آباد ۾ روزانه ”سرواڻ“ جو پبلشر ۽ ايڊيٽر، ۱۱ سال.

هيترين گوناگون مشغولين، عهدن، ذميدارين ۽ نوڪرين ۾ مشغول ماڻهو شعر و ادب ۽ صحافت جي ميدان ۾ ايترو ڪم ڪري، ان تي رب جي خاص عنايت آهي جنهن هن کي همت ۽ حوصلو ڏنو ۽ صحيح سمت ۾ رهنمائي ڪئي.

منهن جي طبعيت جي ناسازي جي باوجود سچاروي صاحب بار بار مون تي اهو بار رکيو ته مان سندس نعتيه شاعري جي ڪتاب ”موتي مٽيادار“ تي تبصرو ڪريان ۽ راءِ لکان. سندس مذڪوره ڪتاب زياده تر نعتيه شاعري تي مشتمل آهي.

## نعت گوئي هڪ مشڪل فن:

شاعري جي فن ۾ نعت گوئي، شاعري جي سڀني موضوعن کان مشڪل ترين موضوع آهي.

وصف ان جي لکڻ وقت تا هٿ ڏکن،
لفظ تعريف جي لئه ڪٿان آڻجن،
استعاره ۽ تشبيهون ناقص لڳن،
ڳالهه يڪراءِ ڪئي تي سڀن شاعرن.

نعت گوئي جو مشڪل کان مشڪل آ فن،
منهنجي محبوب جون کهڙيون ڳالهيون ڪجن!

عالم اسلام جي سيني وڏن وڏن شاعرن، عالمن ۽ بزرگن اهو چيو آهي تہ حضور سائين ﷺ جي پوري، ثنا، پوريءَ طرح ڪرڻ ڪنهن بہ انسان جي وس جي ڳالهہ نہ آهي:

لَا يُمْكِنُ الثَّنَاءُ كَمَا كَانَ حَقَّهُ

بعد از خدا بزرگ توئی قصہ مختصر

"يعني حق ڳالهہ اها آهي تہ" حضور عربي ﷺ جي ثنا پوري ڪرڻ ممڪن نہ آهي، قصو ڪوتاهہ، خدا ڪان پوءِ تون ئي بزرگ و برتر آهين."

سچاروي صاحب پاڻ عالم فاضل آهن، هن نعتيہ شاعري ۾ اهي سڀ لوازمات ۽ ڳالهيون برقرار رکيو هونديون جيڪي شريعت جي لحاظ ڪان بدعت ۽ شرڪ ڪان پاڪ هونديون، توحيد ۽ رسالت جي دائري اندر هونديون.

سچاروي صاحب جي شاعري جو انداز پيار پريو ۽ عام فهم آهي، سندس شاعري ۾ سلاست سادگي، رواني، جدت ۽ جوش جون سيئي خوبيون جرڪن ٿيون. سندس شاعري علم عروض جي پابندين مطابق آهي.

## مشتاق سچاروي صاحب، محبوب سروري جي نظر ۾

(١) ايترو لکڻ ۾ ڪا بہ رڪاوٽ محسوس ڪانہ ٿي ٿئي تہ سچاروي صاحب اسان جي نظر ۾ هڪ عالم فاضل ۽ نيڪ انسان آهي.

(٢) مجاهد مرد ميدان آهي،

(٣) جهادي قومي "قيدي" هئڻ جو شرف حاصل اٿس، اهو مرتبو ۽ موقعو ڪنهن شاعر کي مشڪل مليو هوندو.

(٤) دينداري جو دلداده آهي.

(٥) سندس زندگي جي جدوجهد ۽ ڏک ڏوڙ اسلام جي سربلندي، پاڪستان جي امن سلامتي ۽ حضور سائين ﷺ جي محبت جي رستن تي آهي.

(٦) خدا پاڪ سندس پاڪيزه شاعري قبول ڪندو ۽ سندس زندگي جي نيڪ تمنائن کي پورو ڪندو آمين.

مشتاق سچاروي چاهي ها تہ سياست ۾ حصو وٺي ڪي دنيا داري جا ۽ سياسي مقاصد ۽ مفاد حاصل ڪري ها، وزارت ۽ سفارت جا مزا ماڻي ها، مگر هي قرب جو قومي قيدي شاعر قوم وطن، دين اسلام جي سربلندي لاءِ ۽ حضور سائين ﷺ جي محبت ۾ تڙپندو رهيو آهي.

سندس انهيءَ تانگهہ ۽ تڙپ کي الله پاڪ قبول فرمائي. سچاروي صاحب جي نعتيہ شاعري جو ڪتاب "موتي مٽيادار" پاڪيزه ادب جو مقدس شاهڪار آهي. سنڌي ادب ۾ قابل فخر معياري اضافو آهي.

الله کرے زور قلم اور زیاده

هاڻي اسين سندس پاڪيزه معياري نعتيہ شاعري جي ڪتاب "موتي مٽيادار" مان چند املهہ ماڻڪ موتي نموني طور پيش ڪنداسين.

## پر انهيءَ کان اڳي

نعت ڇا آهي؟ نعت جي عظمت ڇا آهي؟

نعت گوئي هڪ "نعت" ڪيئن آهي؟

انهيءَ متعلق چند ڳالهيون بہ لکڻ ضروري سمجهون ٿا تہ جيئن نئين نسل جي نَوَن شاعرن جي رهنمائي ٿي سگهي، اهي نعت جي تقدس ۽ لوازمات کي سمجهي سگهن ازانسواءِ!!

اهي سچاروي صاحب جي سچائي کي بہ سڃاڻي سگهن.

# نعت نبي ﷺ جي عظمت

## نعت نبي ﷺ جي ابتداء:

"سوره احزاب" ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ:

"بيشڪ الله ۽ ان جا ملائڪ رسول (ﷺ) تي درود پڙهن ٿا، اي مؤمنو! اوهين بہ ان تي درود ۽ سلام پڙهو." (سوره احزاب آيت: ٥٦)

ازانسواءِ قرآن مجيد ۾ ڪيترن هنڌن تي پنهنجي نبي ﷺ جو اخلاق بيان ڪرڻ سان گڏ، الله پاڪ حضور سائين ﷺ سان محبت جو اظهار بہ ڪيو آهي:

"اي پيغمبر تون چئو (ماڻهن کي) جيڪڏهن اوهين الله سان محبت ڪريو ٿا تہ پوءِ توهان منهنجي اطاعت اختيار ڪيو تہ الله اوهان سان محبت ڪندو ۽ اوهان جي گناهن کي معاف ڪندو، الله وڏو بخشيندڙ ۽ مهربان آهي." (سورة آل عمران سورة: ٣١)

الله پاڪ اهو بہ فرمايو آهي تہ: ﴿وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ﴾ "اي نبي ﷺ مون تنهنجي لاءِ (تنهنجي شان مطابق) تنهنجو ذڪر بلندو ڪيو آهي."

هن مان ظاهر ٿيو تہ نعت نبي ﷺ جي ابتدا پهرين ذاتِ باري تعاليٰ جل شانہ ڪئي آهي.

کی محمّد سے وفا تو نے ہم تیرے ہیں،
یہ جہاں چیز ہے کیا، لوح و قلم تیرے ہیں۔
(علامہ اقبال)

شاهہ عبداللطيف فرمايو آهي:

جوڙي جوڙ جهان جي جڏهن جوڙيائين،
خاوند خاص خلقي، محمّد ﷺ مڪائين.
ڪلمو تنهن ڪريم تي چئو چايائين،
"انا مولاڪ وانت محبوبي" ائين اتائين.
ڏِکي ڏنائين ٻيئي سرائون سيد کي.
(شاهہ لطيف)

نعت جو مقصد رسول الله ﷺ جي شان، اسوهٴ حسنه، اخلاق حميده تي پاڪيزه ۽ خوبصورت اشعار، جن جو شريعت سان تصادم نه هجي.

نعت لاءِ ضروري آهي ته نعت گو شاعر جي دل حب رسول سان سرشار هجي ۽ سندس الفاظ ۾ صداقت ۽ ادائگي ۾ محبت هجي.

نعت سنجيده ۽ پاڪيزه ٻولن تي مشتمل ٿئي ٿي. جنهن ۾ حضور سائين ﷺ جن سان والهانه فدائيت، بي ڪنار محبت ۽ لازوال عقيدت جو بحر موجزن هجي.

نعت مؤمنانه صفت جي علمبردار ۽ آئينه دار ٿئي ٿي.

نظم، بيت، وائي، ڪافي، قطعه، رباعي وغيره شاعري جي ڪا به صنف نعت جو مقام تڏهن ماڻي سگهي ٿي جڏهن انهيءَ شعر جي نفسِ مضمون جو تعلق سڌو سنئون صريحًا، صاف صاف، فقط ۽ فقط حضور سائين ﷺ سان هجي، جيڪڏهن انهي شعر جي مضمون جو ڪو به اشارو، ڪنهن نه ڪنهن طرح سان ڪنهن ٻيءَ شخصيت لاءِ به ٿيو، ته اهو شعر نعت جي دائري کان خارج ٿي ويجي ٿو. نعت جي ساري فضا محبتِ رسالت ۽ ايمان بالرسالت جي محور تي ڦري ٿي.

نعت شاعري جي سڀني صنفن کان، منفرد، مقدس، پاڪيزه، سنجيده، نازڪ ۽ مشڪل ترين صنف آهي.

شاعري جي عام صنفن ۽ موضوعن تي شاعر آزاد هوندو آهي، چاهي حمد هجي ته خدا سان شڪوه جواب شڪوه ڪري ويهي ٿو، مگر سراپا رحمت حضور سائين ﷺ جن سان اها حجت، گلا، شڪوه شڪايت جي قطعًا نه ضرورت آهي نه اجازت!!

خدا جي معاملي ۾ بندو ديوانو، مستانو، گستاخ، به ٿي وڃي ٿو. مگر محمّد ﷺ جي معاملي ۾ باادب، هوشيار ۽ محتاط رهڻ گهرجي.

”باخدا ديوانه وبا مصطفيٰ ﷺ هوشيار باش!“

نعت ۾ حضور سائين ﷺ جي ميلاد، سهڻي سيرت، سهڻي صورت، اخلاق حميده، ذات صفات، جمال ڪمال ۽ نوال جو ذڪر ڪيو ويندو آهي.

✿ نعت ۾ روحاني اقدار پاڪيزه افڪار، سروري اسرار، نبوي انوار، تي مشتمل معياري اشعار جا "موتي مٽيادار" مڙهيل ٿين ٿا.

انهن سڀني قاعدن قانونن اصولن ۽ ڳالهين کان علاوه نعت ۾ اجا به هڪ نازڪ ترين مقام اچي ٿو اهو آهي:

## محبت ۽ شريعت جو امتحان!

شريعت ۾ محمّد مصطفيٰ آهي،
محبت ۾ سو محبوبِ خدا آهي.

✿✿✿✿

شریعت کی تقاضا ہے محمّد مصطفیٰ کہیئے
محبت کی تقاضا ہے کہ محبوب خدا کہیئے

(ماہر القادری)

نعت جو مقام محبت ۽ شريعت جي درميان هوندو آهي، محبت ۽ شريعت پنهين مان ڪنهن به هڪ جي تقاضا کي ڇڏيو ويو ته پوءِ نعت، نعت نه رهندي.

✿ محبت ۽ شريعت جي بنيادن تي، نازڪ لطافتن، نوراني نزاڪتن، شاعرانه فصاحتن، بلاغتن ۽ جدتن، سنجيده عقيدتن، شائسته صداقتن، روحاني راحتن ۽ نبوي عظمتن جو ذڪر نيائڻ واري شاعرانه صنف کي نعت چئجي ٿو.

## "نعت خدا جي نعمت"!

باوقار تشبيهن ۽ استعارن، اشارن ۽ ڪناين پرنور نظارن، ايمان ۽ عرفان جي بهارن سان پريل نعتيه شاعري اهو مقام حاصل ڪيو جو، "نعت خدا جي نعمت"! شمار ٿيڻ لڳي.

ازل میں جب ہوئیں تقسیم نعمتیں "محسن"
کلام نعتیہ رکھا مری زبان کے لئے!

(محسن کاکوروی)

✿ دنيا جي هر زبان ۾ بلند مقام نعتيه شاعر ٿي گذريا آهن جيڪي نعت گوئي جي صدقي آسمانِ سخن تي ۽ اسلامي تواريخ ۾ هميشه چمڪندا رهن ٿا.

مسلمان شاعرن ڪان علاوه غير مسلم شاعرن به حضور سائين ﷺ جن جي اسوهٔ حسنه کان متاثر ٿي نعت گوئي ڪئي آهي ۽ ثناءِ رسول ﷺ جي طفيل مسلمانن جي دلين ۾ اسلامي ادبي تواريخ ۾ عزت پريو مقام حاصل ڪيو آهي.

✿ نعت ۾ حب رسول (ﷺ) جو رنگ شريعت تي حاوي ضرور نظر اچي ٿو تاهم محمّد ﷺ جن جي محبت، محمّد ﷺ جن جي شريعت جي منحرف ۽ تارڪ ٿي نٿي سگهي.

نعت گوئي پلصراط وانگر محبت جي تخيل ۾ هڪ نازڪ گذرگاه آهي جتان شاعر کي محمّد ﷺ جي شريعت جي لحاظ سان ايمان بالرسالت جي سهاري لنگهڻو پوي ٿو.

✿ هڪ ڳالهه خاص طور ذهن نشين هجي ۽ ياد رهي ته نعت کي مشڪل کا مشڪل فن چئي اسان رسول سان محبت ڪندڙن کي ڊيڄاري نٿا سگهون! هر دور ۾ هر شاعر پنهنجي علمي ذهني ۽ روحاني بساط آهر نعتيه شاعري ڪئي آهي.

ڪڏهن محب سان رنيدا روڙيل به اڻ توريا اگهامي وڃن ٿا.

اسان وٽ ڪو به اهڙو پيمانو نه آهي ته اسين ڪنهن کي ننڍو يا ڪنهن کي وڏو نعتيه شاعر چئي سگهون ڇو ته انهيءَ فيصلي جو محبت جي گهرائين سان واسطو آهي.

محبوبِ خدا ﷺ جي من پسند ڳالهه محبوب خدا ﷺ ئي ڄاڻي!! حضور سائين ﷺ کي ڪنهن جي ساراهه، ڪنهن جي صفت، ڪنهن جي ثنا، ڪنهن جا لفظ ڪنهن جا ٻول وڻن ٿا ڪيئن ڄڃجي! صرف مصنوعي سجاوٽ، ناهه نوهه، فن ڪاري، بندش ۽ بناوٽ، مبالغو ۽ لفاظي درڪار نه آهي.

خبر ناهي حضور سائين ﷺ کي ڪهڙي نعت ۽ ڪهڙو نعت گو

پسند اچي! "هر عمل جو دارومدار نيت تي آهي، نيتون قلبن ۾ وجود وٺن ٿيون ۽ الله جي نظر قلبن تي هوندي آهي" دلين جا راز رب ڄاڻي ٿو، هتي "محبت ۽ چاوت" جو امتحان آهي.

"محبت" پائي من ۾ رنڊا روڙيا جن،
تن جو صرافن اڻ توريو اگهايو!

✿✿✿✿

چاوت پائي چت ۾، سنهو ڪتيو جن،
تن جو صرافن، ڏڪو داخل نه ڪيو.

"شاهه"

✿ نعت خدا جي خوشنودي جو ويجهو رستو ۽ شفاعت مرسل ﷺ جو مؤثر ذريعو آهي.

جيڪا نعت حضور ﷺ جن کي پسند اچي وڃي ته نعت گو شاعر لاءِ باعثِ سعادت آهي ۽ باعث نجات آهي.

مٺس خدا جون رحمتون ۽ بخششون، حضور ﷺ جون عنايتون ۽ شفاعتون ساوڻي مينهن وانگر وسڪارو لائي ڏين ٿيون ۽ نعت گو شاعر جا ٻئي جهان موچارا ٿي وڃن ٿا!

خدا ڪري سچاروي صاحب جي "سچائي" نعت نبي ﷺ جي صورت ۾ خدا ۽ ان جي رسول مقبول ﷺ کي پسند اچي وڃي ۽ سندس ٻئي جهان موچارا ٿي وڃن. مٿس رب جون رحمتون ۽ بخششون، حضور انور ﷺ جن جون عنايتون ۽ شفاعتون ساوڻي مينهن وانگر مٿس وسڪارو لائي ڏين ۽ سندس

من جو مرادون ۽
زندگي جون نيڪ تمنائون
پوريون ٿين. آمين!!

"هاڻي "موتي مٽيادار" مان "موتين جي مٺ" نموني طور پڙهندڙن لاءِ پيش ڪنداسين.

# موتي مٽيادار

مان

## مٽيادار موتين جي مٺ

مصطفيٰ جي رهبري ۾ روشني مون کي ملي،
زندگي ۾ گويا هڪ نئين زندگي مون کي ملي.

☆...☆...☆

اڄ اڙي روزِ اول کان آهه هڪڙي يار سان،
ڪئن ڪندي محبوب کان ”مشتاق“ کي دنيا پري.

☆...☆...☆

سرڪار اکين ٺار رسولِ عربي،
امت جي لهو سار رسولِ عربي.
”مشتاق“ جا هر حال ۾ هر وقت ٿيو،
مشڪل ۾ مددگار رسولِ عربي.

☆...☆...☆

سبحان الله نصيبن ۾ مديني جو سفر آهي،
اهو ئي روضئهِ اطهر اهو دلبر جو در آهي.
اکيون پرنم، زبانڻ خاموش، دل اُڏاما پئي ڪائي،
نبي جي نورسان پر نور گنبذ تي نظر آهي.

☆...☆...☆

خدا جي رحمتن جو گهر مديني ۾،
نبي جو روضئهِ اطهر مديني ۾.
رکي چائنٺ تي سر روئندو رهان مان،
بلاشڪ بخشش جو در مديني ۾.

حياتي ۾ ڏسان روضو هلي هيڪر محمّد ﷺ جو،
زياده جنّت الفردوس کان آ در محمّد ﷺ جو.
لبن تي ساهه "لاغر" جو ڏسي سردار فرمائي،
ڏيو "مشتاق" کي هينئر ڪٽي ڪوثر محمّد جو.

☆...☆...☆

خدا جو ناز پرور نازنين دلبر رسول الله،
سڄي سنسار جو سائين سچو سرور رسول الله.
پيارو محب منڙو خالقِ اڪبر رسول الله،
زمين تان عرش تي آيو نبي اطهر رسول الله.

☆...☆...☆

ٿيو عزو شرف ۽ شان ۾ برتر رسول الله.
جهانِ سنگ خارا کاڻ ۾ گوهر رسول الله.
تجلو نور رباني حضور انور رسول الله.

☆...☆...☆

دو عالم جو سرتاج سردار آيو،
محمّد ﷺ محمّد ﷺ مددگار آيو.
پلي ڪر تون "مشتاق" موجون بهاري،
حبيبن جي تو تي نظر پيار واري.
ثنا جنهن جي ۾ تو حياتي گذاري،
سو "نورٌ عليٰ نور" نروار آيو.

☆...☆...☆

دنيا ۾ اهڙو پيغمبر نه ٿيٽو آ، نڪي ٿيندو،
حبيبن جو ڪڏهن همسر نه ٿيٽو نڪي ٿيندو.

جهالت جي جڳهه تهذيب جا مينار اڏجي ويا،
برابر هن جي ڪو رهبر نہ ڏٺو آ نڪي ڏسندو.

☆...☆...☆

گواهي ٿا ڏين دشمن سندس ڪردار اعليٰ جي،
ڪو اهڙو ٻيو سچو سرور نہ ڏٺو آ نڪي ڏسندو.
شفاعت جي اجازت حشر ۾ هوندي فقط هن کي،
ٻيو ڪو شافع محشر نہ ڏٺو آ نڪي ڏسندو.

☆...☆...☆

ثنا سرڪار جي قرآن ۾ ڏس ڪئي خدا ڪهڙي!
ڀلي ڏسندي ڀلا هن کان اچا حمد و ثنا ڪهڙي؟
نبي جو مرتبو اعليٰ فقط الله ٿو ڄاڻي،
ڪندي مخلوق ويچاري ثناء مصطفيٰ ڪهڙي؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# جناب مشتاق جو موتی مٹیادار

## حمد ۽ نعت جو ڀرپور اظهار

ان تي اظهار خيال، از ڊاڪٽر حبيب الله صديقي

محترم غلام حسين "مشتاق" سڄاروي، حضرت سچل سرمست رحمة الله عليه جي روايت مطابق هڪ گهڻ ٻوليو شاعر آهي. سنڌي، سرائڪي، اردو، عربي ۽ فارسي زبانن ۾ سندس چيل شعر، غزل، وايون، ڪافيون، مناجات منقبت ۽ نعت، اعليٰ شاعرانه صلاحيتن جي غمازي ڪن ٿا. حمد ۽ نعت جي صنف ۾ چيل ڪلام، ٻين قسمن جي شاعريءَ کان وڌيڪ دلپذير ۽ معياري ٿو ٿئي، اهو انهيءَ ڪري جو ان ۾ انتهائي خلوص محبت ۽ عقيدت شامل ٿئي ٿي:

"محبت ادب آشنا ٿي وڃي،
ته ڇڻ عشق جي انتها ٿي وڃي."

(مشتاق)

شاعر جي تعريف ۽ تعارف خود سندس ڪلام ٿي آهي، جنهن کي ٻڌي، پڙهي پتو پوي ٿو ته اهو شاعر ڪيتري قدر قدردانيءَ جو مستحق آهي. هن ڪتاب جا پڙهندڙ پاڻ پڙهي فيصلو ڪندا. تاهم اهو ضروري آهي ته جنهن موضوع، زمين ۽ سلسلي ۾ شاعر سخن گوئي ڪئي آهي انهيءَ کي پڻ سمجهيو وڃي.

قرآن شريف جي سوره الاحزاب جي آيت ٥٦ ۾ فرمان الٰهي آهي: ﴿اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا﴾ يعني: تحقيق الله ۽ سندس ملائڪ نبيءَ تي صلواة پڙهن ٿا، اي ايمان وارو توهان هن تي صلواة پڙهو ۽ سلامن سان سلام ڪريو. (هن کي دل سان تسليم ڪريو.)

هي سورة/ آية، هجرت کان پوءِ مديني شريف ۾ نازل ٿي، فرمان الٰهي جي تعميل ۾ مديني جي مسلمانن صلواة جو ورد ڪرڻ پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو. ليڪن قادر الڪلام شاعرن انهيءَ ڪم جي تعميل ۾ حضور ﷺ جي شان ۾ قصيده لکڻ شروع ڪيا. جن ڪي شاعريءَ جي قسمن ۾ ”نعت“ جي صنف قرار ڏنو ويو آهي. عباسي خلافت ۾ مالڪ شاهه سلجوقي سنه ٤٨٥ ۾، دارالخلافه بغداد ۾ مولودن جي مجلس منعقد ڪئي جنهن بعد حمد، مولود ۽ نعت امتِ مسلمه ۾ عام مروج ٿي ۽ ميلاد شريف ملهائڻ شروع ٿيو. ”دراصل، اصحاب ڪرام ۾، حضرت حسان بن ثابت رضي الله عنه، حضرت ڪعب بن زهير رضي الله عنه، حضرت عبدالله بن رواحه ۽ ٻيا شعراءَ، نعت گوئي جا باني آهن.

اسان جي شاعر محترم غلام حسين ”مشتاق“ انهيءَ ميدان ۾ خوب پاڻ ملهايو آهي. فرمائي ٿو ته:

”خدا کي ئي خبر آهي مقامِ مصطفيٰ ڇاهي،
پروڙي ڪين سگهبي ماجرا وهم و گمانن ۾.“

مطلب ته، مقامِ محمّدي کي سمجهڻ لاءِ الله تبارڪ و تعاليٰ طرف رجوع ٿيڻو پوندو، جنهن اهڙو انمول هادي ۽ رهبر عطا فرمايو، تنهن جي حمد ۽ ثنا لازم آهي.

”الله“ اسمِ ذات جي معنيٰ ۾، عرب شاعر اسلام کان اڳي به پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪندا هئا. زهير بن سلمان چيو:

”فلا تکتمن الله ما في نفوسکم،
ليخفيٰ ومهما يکتم، الله يعلم“

(المعلقات، معلقه زهير)

هِن، قبل الاسلام شعر، جو منظوم سنڌي ترجمو هيئن ڪجي:

”اَٿَو دم ۾ جيڪي، نه هرگز لڪايو،
ٿو الله ڄاڻي، ٿا اڪيلي لڪايو.“

”عالم الغيب“ جو تصور هو، ليڪن رب ۽ محافظ ۽ دوست هجڻ جو علم، الله تبارڪ و تعاليٰ جي باري ۾ اسلام کان اڳي ڪونه هو، محسنِ

انسانيت. حضرت محمّد مصطفيٰ ﷺ جي معرفت اهو شعور پيدا ٿيو. تنهنڪري انهيءَ تي درود و سلام ۽ انهيءَ جي نعت لکڻ پڙهڻ ۽ ڳائڻ لازمي آهي.

محترم مشتاق سائين نعت جو شاعر آهي، لکي ٿو ته:

"سڄي انسانيت جي واسطي مشتاق هن جهڙو،
خدا جي رحمتن جو در، نه ٿيٽو آ نه ڪي ٿيندو."

مشتاق، حمد باري تعاليٰ پيش ڪندي، ارشاد ٿو فرمائي ته:

"خرد ۽ هوش کان ٻاهر،
نرالا رنگ رب تنهنجا،
سياري، اونهاري ۾،
خزان توڙي بهارن ۾.

سبحان الله تعاليٰ، اول هُو و آخر هُو. جنهن شخص سندس حمد و ثنا قلمبند ڪئي ۽ سندس پياري نبي آخر الزمان ﷺ تي نعت لکي، انهيءَ پياري شخص، محترم غلام حسين "مشتاق" سچاروي، تي شال سدائين رحمت، عنايت ۽ سلامن جو وسڪارو هجي. (آمين)

خير انديش
ڊاڪٽر حبيب الله صديقي عفي عنه
مؤرخه ٢٥ نومبر ٢٠١١

٢٠ بيت العزت
سنڌيونيورسٽي ايمپلائيز
ڪوآپريٽو هائوسنگ
سوسائٽي فيز-١، ڄامشورو

باسمهٖ تعاليٰ

# موتي مٽيادار

## نعتيه شاعري جو ڀرپور اظهار

**تاثرات: شبير هاتف**

غلام حسين "مشتاق" سچاروي- اسم بامسميٰ- حسين جو غلام، محبوب رب سبحاني جو مشتاق ۽ سچي دل سان رب العالمين ۽ رحمت للعالمين ۽ سندس آل ۽ اصحاب جي توصيف ڪرڻ وارو سچار شخص، پندرهن سالن جي عمر کان وٺي ان ڪرت ۾ مشغول آهي ۽ ﴿وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ﴾ جي وعدي کي نڀائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ان لاءِ يقيناً کيس اجر عظيم پنهي جهانن ۾ عطا ٿيندو.

"موتي مٽيادار" هن مجموعي جي لاءِ ڪيڏو نه موزون، مناسب ۽ جامع نالو آهي. "ر" تي زير ڏجي (واحد جو صيغو) ته ان موتي ڏانهن اشارو آهي جنهن جي مٽيا سان ايمان جي روشني سڄي عالم کي منور ڪيو ٿي، اگر "ر" تي زبر ڏجي (جمع جو صيغو) انهن مٽيادار موتين ڏانهن اشارو آهي جن کي مشتاق پوئي هن مجموعي جي صورت ۾ مالها جوڙي آهي.

هن مجموعي جي شروعات ۾ ڪجهه حمد ڏنل آهن ۽ باقي گهڻو ڪري نعت آهن. انهن ۾ ڪٿي ڪٿي حضور جن جي آل ۽ اصحاب جو ذڪر به آهي.

بنا سوچڻ جي ڪئي تصديق جنهن هر قول جي حق چئي،
صداقت ۾ نه ڪو صديق اڪبر باصفا جهڙو.
نبيءَ جي خواهشن جو ۽ دعائن جو اثر آهي،
نه ڪوئي منتظر فاروق، عادل بي ريا جهڙو.
نگاهِ فيض سان ٿيو پيڪرِ حلم و حيا اهڙو،
نه ڪو عثمان ذوالنورين ۽ صاحب سخا جهڙو.
عنايت رحمت عالم جي هئي هر هڪ تي هڪجهڙي،
ولايت ۾ نه آهي ڪو عليءِ المرتضيٰ جهڙو.

ازل کان تا ابد ايثار جو آ سلسلو جاري،
شهادت ۾ نہ آهي کو شهيدِ ڪربلا جهڙو.

اصحاب ۽ آلِ بيت جي تعريف بہ حقيقت ۾ ممدوح رب محمّد مصطفيٰ ﷺ جي تعريف آهي. ڇاڪاڻ تہ اهي سڀ اهي چنڊ آهن جن ۾ شمس الهديٰ جي روشني جو عڪس آهي.

حمد، نعت، مرثيو ۽ منقبت لکڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، حمد اها صنف آهي جنهن ۾ نہ تہ مبالغي جي انتها آهي ۽ نہ سادگيءَ جي، وڏي ۾ وڏو عالم ۽ شاعر هجي يا هڪ بي علم ۽ بي هنر هجي پنهنجي پنهنجي انداز سان حمد باري تعاليٰ ۾ هر دم مشغول آهي. سورة فاتحه جهڙي جامع حمد ٿي ئي نہ ٿي سگهي. اها اسان مان ڪيئن روز پڙهن ٿا. پر شاعر عام غزلن، نظمن، ڪافين ۽ گيتن ۾ بہ اڻ سڌيءَ طرح سان حمد ئي چون ٿا.

ڇاڪاڻ تہ ذات الاهي وسيع ڪائنات جي ذري ذري ۾ موجود آهي.

خدا يا تنهنجي قدرت ٿي نمايان چنڊ تارن ۾،
زمين جي ذري ذري ڪوهسارن آبشارن ۾.
هوا جا جهونٽا، قطرا ماڪ جا، سج چنڊ جا ڪرڻا،
ڏين ٿا ڏس پتو تنهنجو اشارن ئي اشارن ۾.

الله جي هر تخليق جي تعريف الله جي تعريف آهي، سو محبوب جا خدوخال هجن يا بهارن جون رنگينيون، تارن جي چمڪ هجي يا گلن جي خوشبو، سج جي تپش هجي يا ٿڌي چانڊاڻ. هر معصوم ٻارڙي جي مرڪ ۾ بہ آهي تہ سريلي راڳيءَ جي ساز ۽ آواز ۾ بہ آهي. ڪو شاعر جڏهن انهيءَ تي شاعري ٿو ڪري تہ حقيقت ۾ حمد ٿو چوي.

”جيڪڏهن بالفرض اهي سيئي وڻ جيڪي سيني زمينن ۾ آهن ڪي قلم بنائبجي ۽ ستن سمنڊن ڪي مس بنائجي تڏهن بہ الله تعاليٰ جي تعريف ڪٿي نہ ٿي سگهي. بيشڪ الله تعاليٰ غالب حڪمت وارو آهي.“[1]

---

(۱) سورة لقمان، آيت: ۲۷ بيان العارفين في ترجمة القرآن عبدالوحيد جان سرهندي فاروقي.

شاعر پلي فصاحت ۽ بلاغت جي انتها ڪري ڇڏي، مبالغي ۾ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏي، حمدجو حق ادا ٿي نه ٿو سگهي. انسان فاني فقط ڪوشش ڪري سگهي ٿو. "خدا خود لاشريڪ آهي نه آهي ڪو خدا جهڙو" ته پوءِ هر تشبيهه هر استعارو سندس ڪنهن به صفت ڪي بيان نه ٿو ڪري سگهي.

نه تنهنجو شريڪ ۽ نه تنهنجو مثال،
ٻين ڪي زوال آهي تون بي زوال.
بلاشڪ سندئي ذات آ ذوالجلال،
ٿو رحمت ۽ حڪمت جا واهڙ وهائين.

نعت لکڻ اجان به ڏکيو آهي. نعت لکڻ لاءِ محبت بلڪ عشق نبي ﷺ ضروري آهي، پر ادب ان کان به وڌيڪ ضروري آهي. عشق ۽ ادب جي گڏيل تقاضا آهي ته شاعرانه مبالغي ۾ نه ته اهڙي ڳالهه حضور ﷺ جن سان منسوب ڪجي، جا سچ نه هجي ۽ اهڙو ڪلام ڪجي جنهن ۾ شرڪ جو شائبو ٿئي. حضور ﷺ جن انساني حسن و جمال جا پيڪر هئا. سندس حسن ۽ جمال جي تعريف ۾ بي حد احتياط ڪرڻو ٿو پوي. جيڪي ڪجهه اسين عام محبوب لاءِ لکون، چئون ٿا ان مان اڪثر ڳالهيون ادب جي دائري ۾ نه اينديون. "مشتاق" ادب جي دائري ۾ رهي پنهنجي اشتياق ۽ عشق جو اظهار ڪيو آهي. "مشتاق" نهايت عجز ۽ عاجزي سان ﴿يَاأَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا صَلُّوا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوا تَسْلِيمًا﴾ تي عمل ڪيو آهي.

مشڪلاتون حل ٿين پوري ٿئي ٿي هر مراد،
ٿي عطا مشتاق کي "صل عليٰ" جي روشني.

☆...☆...☆

پڙهون صلوات ٿا سڪ مان اسان مشتاق مرسل جا،
سلامن جا سوين تحفا اماڻڻ ٿا گهرون سائين.

☆...☆...☆

اجورو ھر عبادت جو ملي مشتاق ٿو ليڪن،
وظيفو ورد ناھي ڪو ثناءِ مصطفيٰ جھڙو.

☆...☆...☆

دعائن ۾ درودن ۾ صلاتن ۾ سلامن ۾،
جتي الله جو نالو اتي نالو محمّد ﷺ جو.

☆...☆...☆

زبان زور سان پڙڪ پاھر ڪئي،
تہ ناراض شايد خدا ٿي وڃي.

☆...☆...☆

ادب ۾ جيڪڏھن ھڪ حرف اڳتي پوئتي ٿي ويو.
جھنم زندگي ٿي ويندي چڻ ساھن پساھن ۾.

موتي مٽيادار جيئن منھنجو من اجرو ڪيو آھي تيئن پڪ اٿم سيني پڙھندڙن جي دل روشن ٿيندي.

دعاگوءِ دعا جو طلبگار
شبير ھاتف
حيدر آباد ٣ ڊسمبر ٢٠١١

# حقيقت حال

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِیۡ عَلَّمَ بِالۡقَلَمِ عَلَّمَ الۡاِنۡسَانَ مَا لَمۡ يَعۡلَمۡ وَصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوۡلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَبَارَكَ وَسَلَّمَ.

امابعد! هي ڪمزور قلمڪار ٻاجهاري پروردگار جو سراپا شڪر گذار آهي، جنهن پنهنجي پياري حبيب حضرت محمّد مصطفيٰ ﷺ جي امتي هجڻ جو شرف عطا ڪيو ۽ ننڍپڻ کان ئي سندن ثنا ۽ ساراهه ۾ نعمتون ۽ مولود لکڻ، پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جو اٿاهه شوق عنايت ڪيو. اهو به معلوم اٿم ته پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي، مان ۽ مرتبي مطابق مدح و ثنا ڪرڻ ڪنهن بني بشر جي بس ۾ ناهي، ڇو ته سندس ذاتِ گرامي ۽ حقيقت محمّدي ﷺ انساني عقل، احساس، ادراڪ ۽ فهم و فراست جي دائرن کان گهڻو بلند بالا آهي.

زہر عزو شرف بالا زہر مدح و ثنا برتر
ثنائے مصطفیٰ را بس سپرد کبریا دارم

(مشتاق)

پر ان هوندي به عاشق پنهنجي اندر جي آواز کي اکرن جي پوشاڪ پهرائڻ لاءِ مجبور آهن. جهڙي طرح سنڌ جو عظيم فرزند عاشقِ رسول ﷺ مخدوم محمّد هاشم ٺٽوي پنهنجي مشهور قصيدي اَغِثۡنِیۡ يَا رَسُوۡلَ اللّٰهِ ۾ چوي ٿو:

فَمَنۡ ذَا الَّذِیۡ مَدَحَ النَّبِیَّ وَ اٰلَهٗ
لٰكِنۡ لِلۡعُشَّاقِ مَيۡلُ الۡمَلَامَةِ

ترجمو: پوءِ ڀلا آهي ڪو اهڙو (انسان) جو نبي ڪريم ﷺ ۽ سندس آل پاڪ جي (پوري پوري) واکاڻ ڪري سگهي. (ها اهڙو ڪو به نه آهي پر اهو ڪم ناممڪن هجڻ جي باوجود به) عاشقن جو ملامت ڏانهن لاڙو

(شوق ۽ رغبت) آهي. يعني اهڙو ڪم جنهن جو ٿيڻ ناممڪن آهي ۽ انسان ان جي ڪرڻ کان قاصر آهي. پر ان هوندي بہ هو ثنا ۽ ساراهہ ڪرڻ لاءِ آتا آهن ۽ سندن ڪماحقہ ثنا نہ ڪرڻ واري ڪوتاهي ۽ ڪم مائگي جي ملامت سهڻ لاءِ بہ تيار آهن پر ان جي باوجود بہ سندن زبان يا قلم تان ثنا ۽ ساراهہ جا جملا جاري ساري آهن.

لَا يُمْكِنُ الثَّنَاءُ كَمَا كَانَ حَقَّهُ
بعد از خدا بزرگ توئی قصه مختصر

انسان جي انهيءَ عاجزي، انڪساري، بي بسي ۽ بيڪسي جو اظهار ڪندي "غالب" هن طرح گويا آهي:

غالب ثنائے خواجہ بہ یزدان گذاشتیم
کان ذات پاک مرتبہ دانِ محمّد است

ٻنهي جهانن جي سرادر ۽ سرواڻ حضرت محمّد مصطفيٰ ﷺ جن جي ذات گرامي جي مدحت سرائي ۽ ثنا خواني کي عظيم عبادت سمجهندي پنهنجي شاعري جي شروعات ١٥ سالن جي ڄمار ۾ سندن شان مبارڪ ۾ مولود ۽ نعمتون لکڻ سان ان وقت ڪئي جڏهن آءٌ هڪ ديني مدرسي ۾ فارسي پڙهي، عربي جي ابتدائي ڪتابن جو طالب علم هيس. اهي مولود ۽ نعتون سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين ۾ هيون، جن کي ان وقت جا مشهور نعت خوان ميلاد النبي جي مبارڪ مجلسن، ديني ۽ روحاني محفلن ۽ ميڙن ۾ وڏي حب ۽ چاهہ سان پڙهي داد حاصل ڪندا هيا. ١٩٥٢ع ڌاري انهن نعتن ۽ مولودن تي مشتمل هڪ ڪتاب "گلزار حبيب" جي نالي سان شايع بہ ٿيو هيو جنهن جو هينئر مون وٽ هڪ نسخو بہ موجود ناهي.

توڙي ڪٽي منهنجي ابتدائي شاعري ۽ نعت گوئي جو وڏو حصو ناگهاني حالتن جي نذر ٿي ويو، پر نندي هوندي کان سُتِي ۾ پيل سڪ ۽ ساراهہ جي سرڪ ڪڏهن بہ هن سعادت کان ويسلو ويهڻ نہ ڏنو آهي ۽ منهن جي محبت ڀري سوچن جو مرڪزي ڪردار هميشہ سرڪار دوعالم ﷺ جن جي بي مثل ۽ بي بدل ذات اقدس ﷺ رهي آهي.

منجهان منهنجي روح جي وڃي ساجن وسري
تہ مر لڳي لوءِ، تر پاپيهو تي مران
(شاھ)

هن ڪان اڳ سرزمين عرب جي مشهور ۽ مانائتي شاعر حضرت امام شرف الدين بوصيري جي لاثاني ۽ لافاني شاهڪار ”قصيده برده“ جي سنڌي ۽ سرائڪي زبانن ۾ روان شاعري، ترجمو، سليس سمجهاڻي ۽ تشريح سان لکي ”جامِ ڪوثر“ جي نالي سان پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچائي چڪو آهيان. جنهن کي علم دوست ۽ عاشقان رسول ﷺ پاران نهايت ڀاڪاري ۽ مانائتي موٽ ملي آهي. ان ڪان پوءِ سنڌي سرائڪي اردو فارسي ۽ عربيءَ زبانن ۾ شاعري جي لڳ ڀڳ سڀني مقبول صنفن تي مشتمل ڪتاب ”موتي مرجان“ بہ علمي ادبي حلقن، شاعرن ۽ اديبن ۾ ميڄتا ماڻي چڪو آهي. تازو سنڌ جي نهايت معتبر ۽ مانواري عالم مخدوم محمّد هاشم ٺٽوي جي ٻن مشهور عربي قصيدن ”اَغِثْنِيْ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ“ ۽ ”يَا سَالِكًا طُرُقَ الْمَدِيْنَةِ طَيِّبَةً“ جو بہ سنڌي ۽ سرائڪي زبانن ۾ سليس نظم ۽ عام مفهوم سمجهاڻي سان ڪتاب ”آبِ ڪوثر“ جي نالي سان لکي چڪو آهيان. جيڪو سنڌ جي نهايت معتبر اداري سنڌي لئنگيوئيج اٿارٽي پاران ڇپجي چڪو آهي. سيدنا علي عليه السلام جن تي منهنجو لکيل ڪتاب ”حضرت علي جو نظام حڪومت“ بہ سن ۱۹۷۳ع ۾ شايع ڪري فوجي يونٽن ۾ تقسيم ڪيو ويو، ڇو تہ ان وقت مان آرمي ڪمشينڊ آفيسر جي حيثيت ۾ فوج ۾ ڪيپٽن جي عهدي تي فائز هوس. ان ڪتاب جي ٻيهر اشاعت لاءِ بہ جلد ڪوشش ورتي ويندي.

منهنجو ايمان آهي تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي صفت ۽ ساراھ ۾ نعتون، مولود، مقالات ۽ ڪتاب لکي، نہ سندن ثنا ۽ ساراھ جو پورو حق ادا ڪري سگهجي ٿو ۽ نہ وري اهڙين لکڻين سان سندن مان ۽ مرتبي ۾ ڪو اضافو آڻي سگهجي ٿو، پر اهو يقين ضرور اٿم تہ پنهنجي ڪلام کي پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي ذات اقدس ﷺ سان منسوب ڪري پنهنجن ڪچن

ڦکن خيالن کي شرف ۽ شان ڏيڻ جي سعادت ضرور حاصل ٿئي ٿي. بقول حضرت حسان بن ثابت ﷺ:

مَا إِنْ مَدَحْتُ مُحَمَّدًا بِمَقَالَتِيْ
وَلٰكِنْ مَدَحْتُ مَقَالَتِيْ بِمُحَمَّدٍ

مون مقالو لکي محمّد مصطفيٰ ﷺ جن جي مدحت ۽ ثنا خواني نہ ڪئي آهي پر حقيقت حال اها آهي تہ مون پنهنجي مقالي کي پاڻ ڪريمن ﷺ جن ذاتهن منسوب ڪري مقالي جو مان مٿاهون ڪيو آهي.

علم دوست احبابن جي خواهش تي مون پنهنجي شاعري کي ٽن حصن ۾ تقسيم ڪيو آهي تہ جيئن الڳ الڳ حصي مان پڙهندڙ پنهنجي پنهنجي ذوق جي تسڪين حاصل ڪري سگهن. پهرين ڀاڱي ۾ حمد نعت ۽ امام حسين عليه السلام جي شان ۾ چيل اشعار ۽ نظم شامل آهن. ٻئي حصي ۾ چونڊ غزل ڏنا ويا آهن ۽ ٽئين حصي ۾ نظم، مسدس، مخمس، ڪافي، قطعا ۽ ٻيا اصناف سخن آهن. انهن ٽنهي قسمن جي شاعري کي الڳ الڳ ڪتابي صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي. منهن جي موجوده نماڻي ڪاوش جيڪا حمد و ثنا، نعت ۽ مولود شريفن تي مشتمل ڪتاب "موتي مٽيادار" ناليِ سان مانوارن پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي، ان ۾ گهڻو ڪلام پوين ٽن چئن رسالن جي آمد جو نتيجو آهي، پر هن ۾ ڪجهہ مواد منهن جي ابتدائي دور جي ثنا گوئي جو بہ شامل آهي تہ جيئن سڪ ۽ سعادت جو داڻو داڻو گڏ ڪري بارگاهِ الاهي ۾ پيش ڪجي تہ شل خداوند ڪريم ثناءِ مصطفيٰ جي اکر اکر جي صدقي، دنيا ۽ آخرت ۾ پنهنجي رحمت ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جي شفاعت سان نوازي (آمين)

﴿ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ﴾. (قرآن)

این سعادت بزور بازو نیست
تا نہ بخشد خدائے بخشندہ

هن سان گڏ پاڻ ڪريم ﷺ بابت لکيل بہ ڪتاب "آدابِ رسول ﷺ" ۽ "معراج النبي ﷺ" بہ پڙهندڙن جي ذوق جي تسڪين ۽ روح جي

راحت لاءِ پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. جيڪي طباعت ۽ اشاعت جي مرحلي مان گذري رهيا آهن. ان کان علاوه منهنجي سنڌي ۽ اردو زبانن جي چونڊ "غزلن جو انتخاب" جدا جدا ڪتابي صورت ۾ جلد اچڻ وارا آهن. جن ۾ فارسي جا غزل بہ شامل هوندا. باقي ٻي شاعري جو ڪتاب جنهن ۾ مختلف موضوعن تي لکيل نظم، مسدس، مخمس، ڪافيون، قطعا وغيره شامل آهن بہ ترتيب جي مرحلن مان گذري رهيو آهي، اميد تہ عنقريب اشاعت پذير ٿي ويندو.

آخر ۾ پنهنجي معزز پڙهندڙن کي گذارش ڪندس تہ جڏهن بہ پاڻ ڪريمن ﷺ جي ساراه ۾ ٿيل ثنا خواني جي پڙهڻ يا ٻڌڻ جي سعادت نصيب ٿئي تہ هو پوري توجهہ، ادب ۽ محبت سان ان ۾ مشغول رهن ۽ زبان تي درودن ۽ سلامن جا ورد جاري هجن. پاڻ ڪريمن ﷺ جن جو ارشاد گرامي آهي: مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ وَاحِدَةً صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ عَشْرًا.(بخاري، مسلم)

"جيڪو ماڻهو مون تي هڪ ڀيرو درود موڪلي ٿو (پڙهي ٿو) تہ الله تعاليٰ ان تي ڏهہ ڀيرا رحمت موڪلي ٿو." درحقيقت اهو ماڻهو وڏو بخيل آهي جيڪو پاڻ ڪريمن ﷺ جن جو اسم مبارڪ ٻڌي ۽ ان تي درود نٿو موڪلي. خداوند ڪريم کان دعا آهي تہ شال اسان کي پنهنجي پياري حبيب ڪريم جي ادب ۽ محبت جي نعمتن سان نوازي پنهنجي پيارن جي صف ۾ شامل ڪرڻ فرمائي. آمين

محتاج دعا

احقر العباد غلام حسين مشتاق سچاروي

A- II سچاروي هائوس جي او آر ڪالوني حيدر آباد- سنڌ

١٢-١٢-٢٠١١ع

# حمد باري تعاليٰ

۱- خدايا تنهنجي قدرت ٿي نمايان چنڊ تارن ۾.
زمين جي ذري ذري ڪوهسارن آبشارن ۾.

۲- ڪڪر جو قطرو قطرو آهي شاهد تنهنجي حڪمت جو.
پکي تنهنجي لنون ٿا لات پيا پنهنجن پڪارن ۾.

۳- چمن جي ٿاري ٿاري برگ و گل تسبيح تنهنجي ۾.
نظر تنهنجو اچي ٿو نور نرگس جي نظارن ۾.

۴- سمنڊن جون ميڇيون، دريا جون موجون، ريت جا ذرڙا.
جهنگل جا جيت جٺيا گيت ڳائن ٿا هزارن ۾.

۵- خرد ۽ هوش کا ٻاهر نرالا رنگ رب تنهنجا.
سياري اونهاري ۾ خزان توڙي بهارن ۾.

۶- هوا جا جهوٽا، قطرا ماڪ جا، سج چنڊ جا ڪرڻا
ڏين ٿا ڏس پتو تنهنجو اشارن ئي اشارن ۾.

۷- پهڻ جي پيٽ ۾ ڪيڙي کي ڀي روزي رسائين ٿو.
سبحان الله جا آهن ورد جاري جاندارن ۾

۸- ڏکن ۾ تون سکن ۾ تون دعا ڀي تون دوا ڀي تون
سدا ”مشتاق“ جي اميد توڙي انتظارن ۾

# دعا

## خدايا.....!

تنهنجي رحمت جو طلب گار خدايا
تنهنجو ٻانهو هي گنهگار خدايا
امّتي جنهن جو سفارش بہ اهو ئي،
مصطفيٰ منهن جو مددگار خدايا

❋....❋....❋

ڏوهہ منهنجا پهاڙن کان وڏا پر
تنهنجي بخشش جا پيي انبار خدايا
تنهنجو ٻانهو ۽ ثناخوان- نبي آهيان
انهيءَ نسبت سان مان نروار خدايا

❋....❋....❋

بخش ڪر مون کي خطائون جي ڪيون مون
سڻ دعا منهنجي تون هن بار خدايا
صبر منهنجي جي ۾ نہ آ طاقت ايڏي
مشڪلاتن جا ڪٽي بار خدايا

❋....❋....❋

هر طرف کان آ مصيبت ئي مصيبت
هر بلا صدقي نبي ٽار خدايا
هاڻي طاقت نہ رهي جسم ۾ ڪائي
ٿي ويا منهنجا اڇا وار خدايا

[illegible] سک جون پنان ٿو رب توکان
تنهنجو آ آسرو آڌار خدايا

ڳل ڳچي پاند وجهي توکي پڪاريان
تو سوا ناهه ڪو غمخوار خدايا

❁....❁....❁

کھڙي منهن ساڻ گهران هن جو وسيلو
آهيان ڏاڍو شرمسار خدايا

پاڪ آ ذات خدايا تنهنجي
مان تہ آهيان ئي خطاوار خدايا

❁....❁....❁

تنهنجي محبوب جو ”مشتاق“ سڏايان
ٽار ”مشتاق“ جا آزار خدايا

# خداوند سائين......!

۱- سڀاجها سڳورا سهارا سدائين،
خداوند سائين خداوند سائين.
اسان کي سڌي راهه رهبر هلائين،
خداوند سائين خداوند سائين.

۲- اسان تنهنجا عابد تون معبود آهين،
اسان تنهنجا ساجد تون مسجود آهين.
اسان تنهنجا حامد تون محمود آهين،
ڪروڙين ڪرم جا ڪکر شل وسائين.

۳- شريعت طريقت هلائج اسان کي،
حقيقت هدايت پسائج اسان کي
مزو معرفت جو وٺائج اسان کي
نظر رحم جي سان نوازي نپائين

۴- سوا تنهنجي ناهي ڪو واهر وسيلو،
هميشه گهرون تو ڪان حاجات حيلو.
عطا ذات پنهنجي جو ڪر محب ميلو،
تون هيڻن ضعيفن جو همراهه آهين.

۵- سدا تنهنجي سبحان سارهه ڪيون ٿا،
سچي دل سان حمد و ثنا سڀ چئون ٿا.
ٻڌي هٿ ادب جا دعائون پنون ٿا،
تون ”مشتاق“ جون شل مرادون پڄائين.
خداوند سائين خداوند سائين.

## تون الله الله الله سائين!

ڪرم ساڻ قدرت جو چوخو چلائين،
تون الله الله الله سائين.

١- مٿي طور موسيٰ جتي سان جهلايو،
محمّد اتي عرش ڪرسي گهرايو.
تو سدره تي روح الامين کي رهايو،
ڳجها راز اسرار رمزون رکائين.

٢- لتن ساڻ ٻالڪ وهايو هو جر کي،
ڪري حڪم زم زم ڪَيُئي بحر بر کي.
کهڻ جو امر تو نہ ڪيڙو خنجر کي،
ڪرشما عجب قدرتي تو ڪرائين.

٣- ڪفارن ڪٺن مان تو عالم بنائين،
بنا پيءُ پيدا تو پٽڙا ڪرائين.
لکين جيئرا مارين ۽ مرده جيارين،
ڪلر مان تو سنبل جا ٻوٽا اپائين.

٤- گدا شاه شاهن کي پينو ڪرين تو.
قتل تڙ وسائين ۽ ساوا مٽين تو.
رنل ساڻ پرچين پيارن رسين تو.
رنگي رنگ لک لک نوان تو پسائين.

٥- هوا ۾ پکي ۽ مڇي آهي جر ۾،
درندن پرندن ۽ جن و بشر ۾.
طلب تات تنهنجي آشام و سحر ۾،
سويرو سڀن کي تو روزي رسائين.

٦- نہ تنهن جو شريڪ ۽ نہ تنهن جو مثال،
ٻين کي زوال آهي تون لازوال.
بلاشڪ سندءِ ذات آ ذوالجلال،
تو رحمت ۽ حڪمت جا واهڙ وهائين.

٧- گنهگار بيمار توکي پڪارن،
گدا شاهه زردار توکي تنوارن.
سپون سمنڊ جون هر نئين سج نهارن،
تون آسون اميدون سڀن جون پڄائين.

٨- ڏکن ۾ سکن ۾ سدا تون هي تون،
مصيبت ۾ مشڪل ڪشا تون ئي تون
اڙين جي دوا ۽ دعا تون هي تون
مناجات "مشتاق" جي تو اگهائين.

# مصطفيٰ جي واسطي!

١- يا الٰهي رحم ڪر تون مصطفيٰ جي واسطي،
ڪر ڪرم تون پنهنجي ذاتِ ڪبريا جي واسطي.

٢- آهي عيبن سان ڀريل منهن جو بلاشڪ انگ،
معاف ڪر صديّق اڪبر باصفا جي واسطي.

٣- پاند ڳل پائي پنان ٿو تنهن جو مان فضل و ڪرم،
بخش ڪر فاروق عادل بي ريا جي واسطي.

٤- پنهنجي بچڙاين براين ڪان اگهاڙو آهيان،
پرده پوشي ڪر تون عثمان باحيا جي واسطي.

٥- هر گهڙي آهي رڪاوٽ تي رڪاوٽ راهه ۾،
دور ڪر سڀ درد و غم شيرِ خدا جي واسطي.

٦- ڏوهه مون ڏاڍا ڪيا آهن برايون بي حساب،
ننگ رک ننگي شهيدِ ڪربلا جي واسطي.

٧- واسطو شهداء احد بدر و حنين جو ٿو ڏيان،
مشڪلاتون حل ڪر اهلِ وفا جي واسطي.

٨- دان ڏئي داتا تون پنهنجي منگتي جو مان رک،
اوليا جي واسطي ۽ انبيا جي واسطي.

٩- منهن جي لڄ لڄپال رک مخلوق ۾ هر موڙ تي،
غوث اعظم پاڪ ۽ پيرِ هدا جي واسطي.

١٠- ڪر دعا ”مشتاق“ جي مقبول اي مولا ڪريم،
فاطمه زهريٰ ۽ عائشه طاهرا جي واسطي.

# السلام اي نورِ يزدان السلام!

١- السلام اي شاهه شاهان السلام،
السلام اي جان جانان السلام.

٢- السلام اي رهبرِ رشد و هديٰ،
السلام اي گنج عرفان السلام.

٣- السلام اي منبع جود و سخا،
السلام اي ابرِ باران السلام.

٤- السلام اي رونقِ ارض و سما،
السلام اي مهرِ تابان السلام.

٥- السلام اي زيبِ بزمِ انبيا،
السلام اي فخر انسان السلام.

٦- السلام اي بحر بي پايان فيض،
السلام اي نورِ ايمان السلام.

٧- السلام اي پيڪرِ علم و عمل،
السلام اي روحِ قرآن السلام.

٨- السلام اي سيّدِ ڪون و مڪان،
السلام اي نورِ يزدان السلام.

٩- السلام اي شافع روزِ جزا،
السلام اي راز رحمان السلام

١٠- السلام اي مايهٔ "مشتاق" دل،
السلام اي راحتِ جان السلام.

# بَلَغَ الْعُلیٰ بِكَمَالِهٖ

معراج تي ويو مصطفيٰ محبوب جي ڪئي مرحبا
عرش عظيم تي ڪبريا بَلَغَ الْعُلیٰ بِكَمَالِهٖ

❃....❃....❃

نروار ٿيو نورِ خدا روشن ٿيا ارض و سما
چمڪي پيا هر دوسريٰ كَشَفَ الدُّجیٰ بِجَمَالِهٖ

❃....❃....❃

سڀ خوبيون سرڪار ۾ گفتار ۾ ڪردار ۾
اعليٰ اتم اطوار ۾ حَسُنَتْ جَمِيْعُ خِصَالِهٖ

❃....❃....❃

تحفا درودن جا ڏنا هر دم فرشتن ۽ خدا
مؤمن پڙهو سڀ سان سدا! صَلُّوا عَلَيْهِ وَ اٰلِهٖ

# خير خواهه خيرالوريٰ جهڙو....!

خدا خود لا شريڪ آهي، نه آهي ڪو خدا جهڙو.
ته پوءِ پيدا ڪندو ڪيئن پاڻ پنهنجي دلربا جهڙو.
بشر جي روپ ۾ آيو بشر جي عيب کان خالي،
ڪڏهن پيدا نه ٿيو آهي ڪو خيرالوريٰ جهڙو.
ڇڏي تقدير بدلي مختصر عرصي ۾ عالم جي،
نه پيدا ٿيو ڪڏهن ڪو رهنما هن رهنما جهڙو.
خدا جي ٿي عنايت خاص عبدالله جي گهر تي،
ڄڻيو ڪنهن ماءُ ناهي پنهنجو فرزند آمنا جهڙو.
نبي سڀ نور ها، معراج مڙني کي مليو ليڪن،
نصيبن ۾ نه هو ڪنهن جي سفر عرشِ عليٰ جهڙو.
لٿا آدم کان عيسيٰ تائين هر هڪ تي فرشتا پر،
نظر ايندو نه منظر توکي ڪٿ غارِ حرا جهڙو.
سچي دل سان ملڻ چاهي جي ٻانهو پنهنجي مولا سان،
ته ٻيو رستو نه آهي ڪو نبي جي نقشِ پا جهڙو.
ٻڌي سڏڙا غلامن جا اگهائيندو جڏهن آقا،
اثر اهڙو نه هوندو ڪنهن دعا ۾ هن دعا جهڙو.
ڪري ٿو مشڪلاتون دور سائل جون سدا مولا،
مگر تاثير ناهي مون ڏٺو صلِّ عليٰ جهڙو.
هميشه فڪر انسانن سندي اصلاح جي دل ۾
نه آهي خلق جو ڪو خير خواهه خيرالوريٰ جهڙو
بنا سوچڻ جي ڪئي تصديق جنهن هر قول جي حق چئي،
صداقت ۾ نه ڪو صدّيق اڪبر باصفا جهڙو.

نبيءَ جي خواهش جو ۽ دعائن جو اثر آهي.
نہ ڪوئي منتظر فاروق عادل بي ريا جهڙو.
نگاهِ فيض سان ٿيو پيڪر حلم و حيا اهڙو
نہ ڪو عثمان ذوالنورين ۽ صاحب سخا جهڙو.
عنايت رحمتِ عالم جي هئي هر هڪ تي هڪ جهڙي،
ولايت ۾ نہ آهي ڪو عليءُ المرتضيٰ جهڙو.
ازل کان تا ابد ايثار جو آ سلسلو جاري
شهادت ۾ نہ آهي ڪو شهيدِ ڪربلا جهڙو
اجورو هر عبادت جو ملي "مشتاق" تو ليڪن
وظيفو ورد ناهي ڪو ثناءِ مصطفيٰ جهڙو

# خواب و خيالن کان ٻاهر!

۱- بشر جي خيالن ڏيانن کان ٻاهر،
ثنا مصطفيٰ جي بيانن کان ٻاهر.

۲- نہ معلوم حد ابتدا انتها جي،
مقامِ نبي لامڪانن کان ٻاهر.

۳- احد ساڻ احمد جي نسبت نرالي،
زمين آسمان جي نظامن کان ٻاهر.

۴- رڳو ناهہ قرآن توريت انجيل،
ثنا تي صحيفن ڪتابن کان ٻاهر.

۵- سڙي ٿا پون پر بہ جبريل جا جت
تيو نور نبوي حجابن کان ٻاهر.

۶- ملاقات محبوب آقا جي اهڙي
خرد هوش خواب و خيالن کا ٻاهر

۷- تيو قاب قوسين ۾ قرب کهڙو
هتان جي سوالن جوابن کان ٻاهر

۸- حبيب خدا عبدهٗ جي لقب سان
زماني جي اعليٰ خطابن کان ٻاهر

۹- ڪئي ساري انسانيت سان محبّت
چڱا ئي تي پنهنجن پراون کان ٻاهر

۱۰- پتر پيي سهي ٿو دعا پيي ڪري ٿو.
هي "مشتاق" وهم و گمانن کان ٻاهر

# نازڪ مديني جي فضا ڪهڙي!

۱- ثنا سرڪار جي قرآن ۾ ڪئي ڏس خدا ڪهڙي،
ڀلي ٿيندي ڀلا هن کان اجان حمد و ثنا ڪهڙي.

۲- نبي جو مرتبو اعليٰ فقط الله ٿو ڄاڻي،
ڪندي مخلوق ويچاري ثنائے مصطفيٰ ڪهڙي.

۳- مقامِ مصطفيٰ جي ابتدا جي ڄاڻ ڪجھ ناهي،
نہ آهي ابتدا جي سڌ تہ ٿيندي انتها ڪهڙي.

۴- خدا توڙي فرشتا موڪلن هر دم درود ان تي،
خدا ڪئي مرحبا اهڙي ڪيان مان مرحبا ڪهڙي.

۵- سمنڊ درياء بادل ۾ ڏنڊون ڏورا نہ قطري مَٽ،
ڪئي عالم ڏٺي عالم اتي رحمت عطا ڪهڙي.

٦- فرشتا پيي ادب سان ٿا پڙهن آهستي صلواتون،
ٿي عرش و ڪرسي کان نازڪ مديني جي فضا ڪهڙي.

۷- نبي جي رحمتن جو آهي جلوو هر طرف جاري
نہ آهي جنهن ۾ شامل تنهنجي رحمت، سا دعا ڪهڙي

۸- ثنا گر تنهنجو آهيان هن اچي ڏاڙهي جي لڄ رکجانءِ
سياه روءِ ڪهڙي منهن سان ٻي دعا گهرندو ڀلا ڪهڙي.

۹- پرينءَ جي پاڪ پيراندي ۾ ويهي حال دل اوريان
متي هن کان ڀلا "مشتاق" ٿيندي مُدّعا ڪهڙي

# همسر نہ ٿيٽو آ نڪي ٿيندو!

۱- دنيا ۾ اهڙو پيغمبر نہ ٿيٽو آ نڪي ٿيندو،
حبيبن جو ڪڏهن همسر نہ ٿيٽو آ نڪي ٿيندو.

۲- جهالت جي جڳهہ تهذيب جا مينار اڏجي ويا،
برابر هن جي ڪو رهبر نہ ٿيٽو آ نڪي ٿيندو.

۳- گواهي ٿا ڏين دشمن سندس ڪردار اعليٰ جي
ڪو اهڙو پيو سچو سرور نہ ٿيٽو آ نڪي ٿيندو.

۴- پيارا ۽ سڳورا ڪيترا انسان آيا پر،
خدا جو دادلو دلبر نہ ٿيٽو آ نڪي ٿيندو.

۵- فرشتن جا سڙيا جت پر اتي پرواز عربي جو،
خدا جي نور جو مظهر نہ ٿيٽو آ نڪي ٿيندو.

٦- شفاعت جي اجازت حشر ۾ هوندي فقط هن کي
پيو ڪو شافع محشر نہ ٿيٽو آ نڪي ٿيندو،

۷- سچي انسانيت جي واسطي "مشتاق" هن جهڙو
خدا جي رحمتن جو در نہ ٿيٽو آ نڪي ٿيندو.

# عبادت خدا جي ڪيان ٿو...!

۱- مان مدحت مني مصطفيٰ جي ڪيان ٿو،
تہ گويا عبادت خدا جي ڪيان ٿو.

۲- ثنا ناهہ ڪنهن عام انسان جي،
صفت سيّد الانبياء جي ڪيان ٿو.

۳- سندن ثاني پيدا ٿيو ناهہ جڳ ۾،
خبر خاص خير الوريٰ جي ڪيان ٿو.

۴- اجان سُڌ الف بي جي عالم کي ناهي،
ڪٿي سَڌ سموري ثنا جي ڪيان ٿو.

۵- رڳو هڪ بشر سمجهي نورِ خدا کي،
شڪايت خرد نارسا جي ڪيان ٿو.

٦- پهڻ کي بہ پارس بڻائي ڇڏي ٿو،
ڪهاڻي انهيءَ ڪيميا جي ڪيان ٿو.

۷- ويا فرق آقا غلامن جا مٽجي،
اتان ابتدا ارتقا جي ڪيان ٿو.

۸- جبل هو مگر نور سڏجڻ لڳو،
مان نسبت جڏهن نقشِ پا جي ڪيان ٿو.

۹- ڏسي چوڏهين چنڊ شرمائجي،
جي تعريف بدر الدجيٰ جي ڪيان ٿو.

۱۰- پرين عرش پهتو تہ پردا هٽي ويا،
بيان مرتبت مصطفيٰ جي ڪيان ٿو.

١١- املھ موتي جو ملھ ڪٿي ڪونہ سگھيو،
بھا مان ڪٿي بي بھا جي ڪيان ٿو.

١٢- فقط ھڪڙو انسان انسانِ ڪامل،
تلاوت ڪتابِ ھدا جي ڪيان ٿو.

١٣- رخ زيبا، زلفِ سيه جي ڪھاڻي،
وضاحت اگر والضحىٰ جي ڪيان ٿو.

١٤- فرشتا بہ تعظيم ۾ سربسجده،
جي تسبيح صلِّ عليٰ جي ڪيان ٿو.

١٥- تصوّر ۾ آيو مرادون پڄي ويون،
حقيقت ھي پنھنجي دعا جي ڪيان ٿو.

١٦- سندس در تي دانھيم ٻڌي عرش ورتو،
اھا ڳالھ ان التجا جي ڪيان ٿو.

١٧- نہ خطرو آ پٽڪڻ ۽ پلجڻ جو مونکي،
جڏھن پيروي پيشوا جي ڪيان ٿو.

١٨- شفا ٿي ملي ھر مرض جي ھتائين،
ھي حڪمت بيان ھن دوا جي ڪيان ٿو.

١٩- دنيا آخرت جي سعادت ٻي ڪھڙي،
نذر زندگي نقشِ پا جي ڪيان ٿو.

٢٠- ويو نيٺ ”مشتاق“ منزل تي پھچي،
اڪيئن رھبري رھنما جي ڪيان ٿو.

# مديني جي فضائن ۾!

١- جڳهه اهڙي ڪٿي ناهي زمين و آسمانن ۾،
ملي جا روح کي راحت مديني جي فضائن ۾.
٢- نہ ڪر ڪعبي جي پيٽنا روضئ اطهر جي منٽي سان
پياري عرش کان پيي آهي هي ربّ جي نگاهن ۾
٣- خدا جو آهي اهڙو نور جنهن جو مٽ نڪو ثاني
نظر نورِ خدا آيو نہ ڇو تنهنجي نگاهن ۾،
۴- اڪين ناهي ڏٺو، ناهي ڪنن منهن جن ٻڌو اهڙو
خدا کان بعد هن جهڙو نہ ڪو خواب و خيالن ۾
۵- نبي جو نور ٿيو ظاهر جڏهن عرشن اتي پهتو
زمين تي نور رباني رهيو هر دم حجابن ۾
٦- محبت ساڻ گذرن چند گهڙيون جي مديني ۾،
ملي نعمت نٿي اهڙي ڪٿي پنجاهہ سالن ۾
٧- اهي معراج منهن جي زندگي جا ڏينهن ۽ راتيون
سدوريون ساعتون گذريون ادب ۽ احترامن ۾
٨- سنڀالي رک قدم پنهنجا مديني جي زمين آهي،
ادب پهريون مقام آهي محبّت جي مقامن ۾.
٩- مرڻ ويلي بہ ذڪرِ مصطفيٰ وردِ زبان هوندو،
سمايل آ ثنا سرڪار جي ساهن پساهن ۾.
١٠- سلامي ٿا ٿين "مشتاق" تخت و تاج وارا پيي
اچي خوشبو جڏهن ان جي، غلامن جي غلامن ۾

# روشني مون کي ملي!

١- مصطفيٰ جي رهبري ۾ روشني مون کي ملي،
زندگي ۾ گويا هڪ نئين زندگي مون کي ملي.
٢- دنيا توڙي آخرت جا دل ۾ ها خطرا هزار،
تنهن جي دامن ۾ اچڻ سان آشتي مون کي ملي.
٣- مٽ نہ پانيان بادشاهن جا ڪڏهن جاه و جلال،
تو وٽان سوغات ۾ جا سادگي مون کي ملي.
٤- مان نٿو پايان تہ جنّت ۾ بہ هوندا هي مزا،
جا مديني جي فضا ۾ تازگي مون کي ملي.
٥- ناهہ ڪنهن قانون يا آئين ۾ اهڙو اثر،
سنّتِ نبوي ۾ جيڪا رهبري مون کي ملي.
٦- دشمنن کي پيي دعائن سان نوازيندو رهي،
پيشوا جي در کان اهڙي پيروي مون کي ملي.
٧- تو ڪري تنهن جي ثناگر تي ڪرم ڪيڏا ڪريم،
هر اکر تي بي حساب آهي خوشي مون کي ملي.
٨- منهن جو نالو آ غلامن ۾ جڏهن لکجڻ لڳو،
منهنجي سوچن کان زياده صاحبي مون کي ملي.
٩- تي تئي ڪنهن پاڳ واري کي اها نسبت نصيب،
تنهن جي در سان آهہ جا وابستگي مون کي ملي.
١٠- مهرباني محب جي ”مشتاق“ تي آ بي حساب،
ان ڪري ئي علم سان گڏ آگهي مون کي ملي.

# محبوبِ خداؐ پيدا ٿيو!

١- سيّد الڪونين فخر الانبيا پيدا ٿيو.
مرسلن جو موڙ محبوبِ خدا پيدا ٿيو.

٢- زيب بزمِ انبيا نورِ خدا پيدا ٿيو.
حسنِ حق جي ابتدا ۽ انتها پيدا ٿيو.

٣- ابن مريم جي بشارت يا تمنّاءِ ڪليم.
يا خليل الله جي دل جي دعا پيدا ٿيو.

٤- آيو سايي ڪان سوا دنيا جو بڻجي سائبان.
ير جهلو بيڪس جو همدم همنوا پيدا ٿيو.

٥- جنهن پڙهايو حرّيّت جو ساري دنيا کي سبق.
سو نبي اُمّي محمّد مصطفيٰ پيدا ٿيو.

٦- زندگي جا روز شب آيات قرآني مثال.
چڻ بشر جي ويس ۾ نورِ خدا پيدا ٿيو.

٧- جنهن جو همسر ناهه ڪو سيرت ۽ صورت ۾ ڪڏهن.
بي مثل، خير البشر، خيرالوريٰ پيدا ٿيو.

٨- جنهن جي آمد جو هيو جڳ ۾ ازل ڪان انتظار.
فخرِ آدم رونقِ ارض و سما پيدا ٿيو.

٩- جنهن جي آڱر جي اشاري سان ٿيو شقُّ القمر.
دستِ قدرت جي قضا، رب جي رضا پيدا ٿيو.

١٠- دور ٿيا هيڻن ضعيفن ۽ گنهگارن جا غم.
مرحبا ”مشتاق“ من جي مدّعا پيدا ٿيو.

# محمّد ﷺ جو ثاني بشر ڪو نہ ٿيندو!

جبل سان مٿو چو هٽين ٿو هنيلا  محمّد جو ثاني بشر ڪو نہ ٿيندو
ڪروڙين تون رنگين پٿر پسين پر  ڪو هيري جو همسر حجر ڪو نہ ٿيندو

هي سنسار ساري جي جلوه نمائي  محمّد جي هڪ وار جي روشنائي
ستارن سورج جي ساري ضيائي  برابر هي شمس و قمر ڪو نہ ٿيندو

خدا خود ڪئي وصف واڪاڻ اهڙي  نڪا چوڏهين چنڊ چانڊاڻ اهڙي
گلن ۾ نہ خوشبو ۽ سرهاڻ اهڙي  ڪرم وارو اهڙو ڪڪر ڪو نہ ٿيندو

لبن جي نہ لالائي لعل و گهر ۾  دهن جي نہ شيريني شيروشڪر ۾
نہ رخسار جي سونهن شمس و قمر ۾  برابر ڪوئي ڪنهن بہ پر ڪو نہ ٿيندو

لکين لال ياقوت هيرا جواهر  ۽ مرجان موتي منوّر سراسر
جي دندان دلبر ٿئي هوند ظاهر  تہ ڪنهن جو بہ ڪنهن جا قدر ڪو نہ ٿيندو

گهٽا چاشني وارا سرڪا چکين ٿو  مکڻ ماکي مصري جي لذت وٺين ٿو
حبيبن جي لب تان جي سرڪي پيرين ٿو  تہ مٽ ان جي شهد و شڪر ڪو نہ ٿيندو

تون سلطان سرتاج سردار آهين  ولايت جو والي ۽ سالار آهين
حبيبن جو جيڪر نہ حبدار آهين  تہ تو جهڙو ڪو بي بصر ڪو نہ ٿيندو

کٽي ڪيترو پيِ خطا دار آهين    گناهن ۾ شب روز سرشار اهين
جي عربي نبي جو طلبگار آهين    تہ توتي عذابِ سقر ڪونہ ٿيندو

جو عاشق اماڻي صلوٰة و سلام وٽن ان جا سجدا قعود و قيام
هي ”مشتاق“ هر دم رهي خوش خرام عذابن جو ان تي اثر ڪونہ ٿيندو

# قطعات....!

(۱)

عطا ڪئي پنهنجي ٻانهي کي خدا اهڙي زبان آهي،
ثنائے مصطفيٰ ۾ رات ڏينهن رطب اللسان آهي.
زبان کي ۽ قلم کي اهڙي قوّت ڪر عطا مولا،
ثنا اهڙي ڪيان جيڪا سندن شايانِ شان آهي.

(۲)

ثنا تنهن جي لکڻ خاطر قلم اهڙو ڪٿان آڻيان،
ڪرڻ تعريف تو چاهيان ڪٿان اهڙي زبان آڻيان.
نڪي همت زبان ۾ آ نڪي طاقت قلم ۾ آ،
بيان کان آهي جو ٻاهر ڪٿان اهڙو بيان آڻيان.

(۳)

ڪرين شامل تو جيڪر تون غلامن جي قطارن ۾،
تہ هوندو منهن جو نالو ٻي خدا وارن پيارن ۾.
تمنّا آهي شل مولا ڪري پوري تمنّا هي،
ٻهاريدار بڻجي روضي جو ٿيان بخت وارن ۾.

(۴)

تو مسڪينن غريبن کي گلي لاتو مٺا سائين،
يتيمن کي ٻيي ٻاڪر پيار سان پاتو مٺا سائين.
اٻوجهن، سادڙن، جي تنهنجي در تي ٿي پذيرائي،
اڙين سان تو نڀايو نينهن جو ناتو مٺا سائين.

(۵)

اٿم معلوم منهن جي عمر پوري پر خطا آهي،
فقط اميد توڙي آسرو تنهنجي شفا آهي.
چڱن عملن جو ناهي ڪو اکر اعمال نامي ۾،
رڳو هر حرف ۾ هر لفظ ۾ تنهنجي ثنا آهي.

# ڪڏهن لبريز ٿيندا پنهنجا پيمانا مٺا سائين!

١- ڪڏهن آباد ٿيندا منهن جا ويرانا مٺا سائين،
ڪڏهن فرزانا ٿيندا تنهن جا ديوانا مٺا سائين.

٢- ڪڏهن اجڙيل چمن ۾ آٽيندين رونق بهارن جي،
فقيرن کي ڏيکيندي تاج شاهانا مٺا سائين.

٣- اڃن محروميون موجن اندر موجون ڪنديون مون ڏي،
ڪڏهن آسان ٿيندا درد ديرينا مٺا سائين.

٤- نگاهن جي ڪڏهن ٿيندي نوازش نيهن وارن تي،
ڪڏهن موجن ۾ ايندا تنهنجا مستانا مٺا سائين.

٥- ڪٽي ساغر سخي جي در سوالي آهيان بيٺو،
ڪڏهن لبريز ٿيندا پنهنجا پيمانا مٺا سائين.

٦- سڪان پيو زندگي ساري اوهان جي سرڪ لئي ساقي
ڪڏهن کوليندين ميڪش لاءِ ميخانا مٺا سائين.

٧- رڻان نرگس مثل ٿو پنهنجي بي نوري تي سالن کان،
ڪڏهن بينا بنائيندين هي نابينا مٺا سائين.

٨- ڪڏهن "مشتاق" کي ٿيندي زيارت چهري انور جي،
سلامن جا ڪڏهن ڏيندس مان نذرانا مٺاسائين

# انڌيرا اعتقادن جا مٽائڻ ٿا گهرون!

١- اسان ميلاد جي محفل ملهائڻ ٿا گهرون سائين،
نبي جي شان ۾ ميلا مچائڻ ٿا گهرون سائين.
٢- ڪري ساراهه سرور جي ڪيون ايمان ٿا تازو
اسان ايمان پنهنجي کي وڌائڻ ٿا گهرون سائين.
٣- انهيءَ کي عيد سمجهي ٿا ملهايون محفلون هرجا،
ولادت مصطفيٰ جا گيت ڳائڻ ٿا گهرون سائين.
٤- اها برڪت پيري محفل جتي ذڪرِ نبي آهي،
نبي جي ذڪر سان رونق رچائڻ ٿا گهرون سائين.
٥- رکي نسبت نبي سان پنهنجي دنيا عاقبت ٺاهيون،
گناه پنهنجا سمورا بخشرائڻ ٿا گهرون سائين.
٦- محبت مصطفيٰ جي جو، ڪري پرچار عالم ۾،
انڌيرا اعتقادن جا مٽائڻ ٿا گهرون سائين.
٧- خدا جا شڪر جنهن احسان عالم تي ڪيو اهڙو،
ادب سان امتي ان جا سڏائڻ ٿا گهرون سائين.
٨- پروڙڻ ٿا گهرن تنهن جي حقيقت عقل و دانش سان،
پليل پٽڪيل سڌي رستي لڳائڻ ٿا گهرون سائين.
٩- خدا تائين رسائڻ جو وسيلو مصطفيٰ آهي،
اهو ايمان وارن کي ٻڌائڻ ٿا گهرون سائين.
١٠- پڙهون صلوٰت ٿا سڪ مان اسان ”مشتاق“ مرسل جا،
سلامن جا سوين تحفا اماڻڻ ٿا گهرون سائين.

# در اُتي دانهون ڪريون!

١- يا رسول الله تنهنجي در اتي دانهون ڪريون،
آسري تنهن جي تي آهن احمدا عيبن ڀريون
❁....❁....❁

٢- جن ڪي آهي تات تنهنجي تن اندر ۾ تارتار،
ڪنهن جي در وينديون ڀلا هي تنهنجي چاهت جون چريون.
❁....❁....❁

٣- سر ڪان پيرن تائين آهن سڀ گناهن منجهه غرق،
رحمة للعالمين ڪر معاف هي ڪوڙيون ڪريون.
❁....❁....❁

٤- ٻوڙندا ٻڪندا اچون ٿا تنهن جي در ڏي دلربا،
پنهنجي ديوانن لئي ڇڏ ديدار جون ڪولي دريون.
❁....❁....❁

٥- تنهنجي پيراندي ڪان بيهي چاهه مان چائث چمان
دل گهري ٿي توسان دلبر حال دل جو اوريون
❁....❁....❁

٦- تنهن جي بخشش جي اڳيان آهن هي رائي ڪان به گهٽ،
منهن جي ڪمزورين ۽ ڪوتاهين جا ڍير ۽ ڍيريون
❁....❁....❁

٧- جيڪي ڪجهه ملٺو اٿم در تنهن جي تان ويندو ملي،
روز روضي پاڪ جون پائيندو آهيان ڦيريون.
❁....❁....❁

٨- تو سوا منهن جا مٺا ڪنهن ۾ نه اميد آسرو،
معاف ڪر "مشتاق" جون ساريون مدايون ميريون.
❁....❁....❁

# اجھو آڌار تو جھڙو!

١- خدا خلقيو نہ آھي خلق ۾ دلدار تو جھڙو،
نہ پيدا ٿيٽو آھي پوءِ کو پڳدار تو جھڙو.

******

٢- ڪيائون رهبري پنهنجي قبيلن جي ۽ قومن جي،
نہ ٿيو مشرق ۽ مغرب ۾ نبي نروار تو جھڙو.

******

٣- گھرائي عرش تي الله خود ڪئي آجيان تنهنجي،
نہ استقبال ڪنهن جو ٿيو سرڪار تو جھڙو.

******

٤- خدا جو نور نوراني اڪين سان تون ڏٺو مرسل،
ڪري ٻيو ڪير سگھندو هن طرح ديدار تو جھڙو.

******

٥- يتيمن بي وسيلن ۽ ابوجهن جو اجھو آٿت،
غريبن جي غمن جو ناھ ڪو غمخوار تو جھڙو.

******

٦- ڪيو آزاد انسانن کي رسمن ۽ رواجن کان،
اسيرن جو نہ عالم ۾ اجھو آڌار تو جھڙو.

******

٧- گنهگارن کي بخشيندو خدا تنهنجي سفارش سان،
ڏکئي ويلي نہ ٿيندو ڪنهن جو ڪوئي يار تو جھڙو.

******

٨- نہ آيو آھي اڄ تائين نہ ايندو آخرت تائين،
نبين ۽ رسولن جو سچو سردار تو جھڙو.

۹- گلن ۾ تازگي آئي چمن ۾ ڇهڇٽو آيو،
ڪيو گلشن کي ناهي ڪنهن ائين گلزار تو جهڙو.

******

۱۰- مٽائي تو ڇڏيا انسانيت تان داغ وحشت جا،
نشان بر ناهه ڪوتهذيب جو مينار تو جهڙو.

******

۱۱- خدا سان بندي جو مضبوط رشتو تي ويو قائم،
نہ ڪو توحيد جي بنياد جو معمار تو جهڙو.

******

۱۲- ڏنو وحدانيت جو درس تو ڪلمو پڙهائڻ سان،
ٻڌايو ناهه ڪنهن انڪار ۽ اقرار تو جهڙو.

******

۱۳- قبيلن ۾ هلندڙ انتقامي جنگون سالن ڪان
ڪيون تو بند ناهي ڪو سپہ سالار تو جهڙو.

******

۱۴- وڇن ٿا درد غم منجي رڳو تنهجي تصوّر سان،
مليو "مشتاق" ماندي کي نہ ڪو منٺار تو جهڙو.

******

# عشق جي ابتدا لڳي!

۱- پرين جي پار کان ٿي ٿڌڙي هوا لڳي،
دوزخ بہ مون کي گويا جنّت نما لڳي.

۲- ناموس مصطفيٰ تان قربان ٿي وڃان،
هي عشق مصطفيٰ جي ٿي ابتدا لڳي.

❁...❁...❁

۳- هر هنڌ بي پڇاڻي مان بخشيو ويس،
تنهنجي ڪرم نوازي ٿي مصطفيٰ لڳي.

۴- دل ٿي گهري تہ پاڙي تنهنجي هجان هميشہ،
هر شيءِ هتان جي مون کي ٿي دلربا لڳي.

❁...❁...❁

۵- دنيا هتان پرايا تهذيب جا سبق،
هر روشني جو مرڪز غارِ حرا لڳي.

۶- جنهن کي بہ دل ۾ آهي رغبت رسول جي،
الله کي اهو ئي ٿو باوفا لڳي.

❁...❁...❁

۷- افضل ۽ اعليٰ آهي الله جي عبادت،
رب کي پياري سڀ کا صلِ عليٰ لڳي.

۸- محشر ۾ مؤمنن جي جيڪو ڪندو شفاعت،
اڄ پيي ٿي عاشقن کي ان جي دعا لڳي.

❁...❁...❁

۹- ”مشتاق“ تنهنجو مسڪن ٿيندو مديني ۾،
مقبول منهنجي من جي ٿي مدّعا لڳي.

❁...❁...❁

# گنبذِ خضريٰ پري!

۱- منهنجي دل کان ڪين ٽيندا عشق جا اڌما پري،
پنهنجي موجن کان ڪڏهن ناهي ٽيو دريا پري.

۲- دل چري ايندي دلاسن سان نہ هرگز هوش ۾،
جيسين نظرن کا رهي ٿو گنبذِ خضريٰ پري.

۳- زاهدا مون کي مزو ايندو ڪٿي فردوس ۾،
منهنجي نظرن کان هجن جيڪر سڄڻ سهٽا پري.

۴- مصطفيٰ جي ذات سان جنهن پيي وڌايا فاصلا،
سمجهہ هن کان ٿي ويو هن جو خداوندا پري.

۵- جنهن جي در تان ڪاميابيون دين دنيا جون ملن،
ٿو رهين اهڙي عطا کان چو پليل پورا پري.

۶- مان بہ چاهيان ٿو هجان پاڙي پرينءَ جي ۾ سدا،
شمع کان ٽيندا پلا ڪيئن هن جا پروانا پري.

۷- گهور وانگر گهوريان مان جان جانب جي مٽان،
دوست جي در کان رهي سگهندا نہ ديوانا پري.

۸- دل جون دانهون، لڙڪ اکڙين جا، نہ روڪڻ سان رُکن.
جيستائين مون کان آهي صاحبِ بطحا پري.

۹- پيش ڪن ٿا جان جا نذرانا عاشق ڪيترا،
ڪر پرين تون پنهنجي چهري تان رڳو پردا پري.

۱۰- اک اڙي روزِ ازل کا آهي هڪڙي يار سان،
ڪيئن ڪندي محبوب کان "مشتاق" کي دنيا پري.

# ڪا مجبوري نہ ٿي!

١- دوست جي ديدار ريءَ ڪا دل کي مسروري نہ ٿي،
محب جي ميلاپ ريءَ اميد مون پوري نہ ٿي.

☆☆☆

٢- لک ڪيا سجدا ها آدم پر خدا راضي نہ ٿيو،
معرفت احمد سوا آدم تي مغفوري نہ ٿي.

☆☆☆

٣- رحمتِ عالم جي رحمت تي خليل الله تي،
نار تي گلزار پئي، پر باهہ جي ڪوري نہ ٿي.

☆☆☆

٤- تي عنايت جي نظر، جيئن نوح جي ٻيڙي مٿان،
هن وڏي طوفان ۾ هن کي ڪا مجبوري نہ ٿي.

☆☆☆

٥- زندگي ۾ رک سچي الفت رسول الله سان،
ان سواءِ "مشتاق" دل کي ڪا بہ منظوري نہ ٿي.

☆☆☆

# سير تنهن جو سروري!

(۱)

قربان تنهنجي نانءِ تان جنّ و ملڪ حور و پري،
شيدا پکي آهن هوا ۾ ۽ مڇي جر ۾ چري.

(۲)

توريت ۽ زبور ۽ انجيل ٿي منسوخ ويا،
قرآن آئي محو ٿي ملت پيا پيغمبري.

(۳)

سدره اتي رهبر رهي هي التجا ڪئي احمدا،
منهنجا سڙن سڀ پر سڄڻ جي وک وڌايان هڪ ذري.

(۴)

معراج يونس جو مڇي ۾ وڻ ۾ زڪريّا ڪيو،
پر عرش اعظم تي عجب ٿيو سير تنهن جو سروري.

(۵)

جنهن ذات اقدس کي ڏسڻ اکڙين سان ممڪن ناهي پر،
سا يار جي چشمن ۾ چمڪي ذاتِ ربّي ظاهري.

(٦)

سلطان اعظم، تاجور، زردار عالي مرتبت،
تنهنجا سلامي سيّدا ڪن تنهن جي در جي نوڪري.

(۷)

محبوب جي هڪ وارجي ويهين پتي جي لاٽ سان،
مدهوش موسيٰ ٿي ويو پيو طور جو ڏونگر ڏري.

(۸)

يا سيّدي تنهنجو سلامي آهي ”لاغر“ روز شب،
”مشتاق“ پنهنجي تي ڪرم ڪر باطني ۽ ظاهري.

# صدقي رسول جي!

١- مولا جي مهرباني صدقي رسول جي،
آسان هر گراني صدقي رسول جي.

٢- الله جي عبادت، مدحت رسول جي،
مقصود زندگاني صدقي رسول جي.

٣- ايمان جي عطا ٿي نعمت نصيب پر،
انعام آسماني صدقي رسول جي.

٤- هي معجزو نبي سان محبّت جو آه جو،
پيري بہ چڻ جواني صدقي رسول جي.

٥- نسبت نبي سان ٿي تہ، ٿيا خاڪسار پيي،
لاهوت لامڪاني صدقي رسول جي.

٦- پيرن پٽي، نبي جي نوڪر جا ٿو ڏسان،
سلطان ۽ ڪياني صدقي رسول جي.

٧- ٿيندو ڪڏهن قبَر ۾ مون ڪان پڇاڻو جو،
پيشاني تي نشاني صدقي رسول جي.

٨- توحيد جا تقاضا مشڪل هيا مگر،
سمجهي ويس معاني صدقي رسول جي.

٩- دل سان پڙهو درود تہ ويندیون ٽري سيئي،
آفات ناگهاني صدقي رسول جي.

١٠- جنهن جاءِ ذڪر تنهنجو مجلس اها مقدّس،
هر گفتگو گرامي صدقي رسول جي.

١١- "مشتاق" هٿ ڪنيا تہ مرادون پڄي ويون،
ٿي معاف لن تراني صدقي رسول جي.

# غم ٽار رسولِ عربي!

۱- سرڪار اڪين ٽار رسولِ عربي،
امّت جي لهو سار رسولِ عربي.

۲- گرداب ۾ پيڙو آ مسلمانن جو،
هي ترهو اچي تار رسولِ عربي.

۳- ڪا واهه نڪي واهرو وارث پنهنجو،
غمگين جا غم ٽار رسولِ عربي.

۴- جنهن وقت ثمر ساٿ نہ ساٿي هوندو،
هيٺن جي لهج سار رسولِ عربي.

۵- ڪو نيڪ عمل ناهي مگر آهيان سدا،
رحمت جو طلبگار رسولِ عربي.

٦- محشر ۾ رکو اذن شفاعت توکي،
مولا سندو مختار رسولِ عربي.

۷- قسمت ۾ ڪرم وارا ڪڪر ايندا ڪڏهن،
آهيان مان گنهگار رسولِ عربي.

۸- چڻ بخت سڪندري هوندو منهن جو،
خادم ڪري بيهار رسولِ عربي.

۹- ”مشتاق“ جو هر حال ۾ هر وقت ٿيو،
مشڪل ۾ مددگار رسولِ عربي.

# ثنا ناهي بيان ٿيڻي بيانن ۾!

ثنا سرڪار جي ناهي بيان ٿيڻي بيانن ۾،
قلم ۾ ناهه ڪا طاقت نڪي همّت زبانن ۾،

خدا کي ئي خبر آهي مقامِ مصطفيٰ ڇاهي،
پروڙي ڪين سگهبي ماجرا وهم وگمانن ۾.

❁...❁...❁

خدا جو ورد آهي، ۽ فرشتن جو وظيفو آ،
نبي جو ذڪر جاري آ زمين و آسمانن ۾.

رسائي عقل انساني جي ان تائين نہ ٿي سگهندي،
سمائي ڪين ٿو سگهجي جڏهن خواب و خيالن ۾،

❁...❁...❁

فقط هڪڙو ئي نالو آ ازل کا تا ابد تائين،
پڙهي ڏسو سارن صحيفن ۾ ڪتابن ۾.

نظر ايندو نبي جو نور جنهن پاسي نظر ويندي،
اهو ئي آشڪارا آهي جلون ۾ نظارن ۾.

❁...❁...❁

خدا جنهن جي رضا کي آهي چاڻايو رضا پنهنجي،
محبّت جنهن جي آهي ڪاميابي دوجهانن ۾.

عبادت ۾ نہ ايندي جيسين خوشبو تنهنجي الفت جي،
تہ سڀ سجدا ڳڻيا ويندا گناهن ئي گناهن ۾.

هوا پيغام پهچائيندي جنهن جنهن جاءِ روضي جو،

ته اجڙيل باغ امت جا نظر ايندا بهارن ۾.

پلا هن کان وڌي خوشقسمتي ٻي کهڙي ٿي سگهندي،
رهي تنهنجو تصوّر دائما دل ۾ نگاهن ۾.

❁...❁...❁

ادب ۾ جيڪڏهن هڪ حرف اڳتي پوئتي ٿي ويو،
جهنّم زندگي ٿي ويندي ڇڻ ساهن پساهن ۾.

اٿم معلوم پنهنجي موڙي پر تنهنجي ثنا صدقي،
ڳڻيو "مشتاق" ويندو حشر ۾ تنهنجي غلامن ۾.

❁...❁...❁

# انسان جي ارتقا تي وڃي!

محبّت ادب آشنا تي وڃي،
تہ چڙهه عشق جي انتها تي وڃي.

حرم جي زمين آ سنڀالي هلو،
متان ڪا ادب ۾ خطا تي وڃي.

زبان زور سان ڀڙڪ ٻاهر ڪئي،
تہ ناراض شايد خدا تي وڃي.

ڪرم جي نظر تو ڪري جيڪڏهن،
جهانن جي نعمت عطا تي وڃي.

جو راهِ وفا ۾ فنا تي وڃي،
هميشہ هميشہ بقا تي وڃي.

حياتي سڄي نقش پا تي وڃي،
تہ انسان جي ارتقا تي وڃي.

فقط حرف هڪڙو بہ پائي شرف،
تہ مقبول هر مدّعا تي وڃي.

مديني جي "مشتاق" متي ملي،
تہ احسان جي انتها تي وڃي.

## ساري محفل ھبڪار ۾......!

شاعري ساري ثنائے يار ۾،
آھي خوشبو ان ڪري اظھار ۾.

تي پيا شمس و قمر شيدا مٿس،
نور جا جلوا ڏسي رخسار ۾.

ڪھڙي ڪھڙي وصف جي واکاڻ ٿئي،
سونھن جي ٿي سڀ سٽا سرڪار ۾.

پل ڏسو پيئي پلا انسان سڀ،
ڪو نہ مٽ گفتار ۾ ڪردار ۾.

حشر ۾ خطرو تپش جو ناھ ڪو،
تي سڪونت سايہء ديوار ۾.

ھو عيادت لاء ھو آيو ھلي،
تنھن ڪري ٿي تازگي بيمار ۾.

دشمنن کي پي دعائون تو ڏئي،
ناھي ڪو ثاني سڄي سنسار ۾.

محب جو "مشتاق" آھي ذکرِ خير،
ساري محفل تي ھجي ھبڪار ۾.

# محمّد محمّد محمّد ڪريمﷺ!

١- خدا توکي ڪوٺيو رؤفٌ رَّحيم، محمّد محمّد محمّد ڪريم.

******

٢- نہ مٽ ثاني تنهن جو نہ تنهنجي برابر، فرشتو هجي يا هجي ڪو پيغمبر.
نہ آيو نہ ايندو ڪڏهن تنهنجو همسر، تون الله جو آهين احسان عظيم.

******

فرشته صفت اهل ايمان ٿي ويا، شتر بان پيي اعليٰ انسان ٿي ويا.
دنيا جا حڪمران حيران ٿي ويا، ٿيا سهٽي صحبت ۾ فائق فهيم.

******

٣- جهالت جا مٽجي انڌيرا ويا، اتي صبح وارا سويرا ٿيا.
لڳي ديندارن جا ديرا ويا، بدلجي وئي ساري صورت سقيم.

******

٤- عداوت بغاوت هئي عام جام، قبيلن جا سالن سندا انتقام.
اخوّت جو اهڙو ڏنو تو پيام، ٿيا ياء وانگر مهاجر مقيم.

******

٥- ٿيو آڱر اشاري سان شقُّ القمر، لٿو ڏيهہ ساري تان ڪارو ڏڪر.
اٿامينهن رحمت، ٿيا سانگي سکر، ڪڙي پيا خوشين ۾ حرم ۽ حريم.

******

٦- عليڪ الصلوٰة وعليڪ السلام، خدا ۽ فرشتا چون صبح و شام.
ٿيو ورد ”مشتاق“ دائم مدام، انهن نعمتن سان نوازيل نعيم.

******

# مدينی جو سفر آھي!

سبحان الله نصيبن ۾ مديني جو سفر آھي،
اهو ئي روضهءِ اطهر، اهو دلبر جو در آھي.

******

جهلي روضي جي چاري عاشقو ڳيراٽڙيون پايو،
هتي رحمت جو دروازو هتي بخشش جو گهر آھي.

******

اکيون پرنم، زبان خاموش، دل اڌما پئي کائي،
نبي جي نور سان پر نور گنبذ تي نظر آھي.

******

فرشتن کي اجازت ناهه جو گنبذ مٿان گذرن،
خدا جي ۽ هي محبوبِ خدا جي رهگذر آھي.

******

مديني جي گلين جو مرتبو الله تو ڄاڻي،
هتي هر ڏينهن يومِ عيد، هر شب شبقدر آھي.

******

کليل رحمت ۽ بخشش جا رهن ٿا در مديني ۾،
خدا چڻ پنهنجي ٻانهن جي دعا جو منتظر آھي.

******

هو آھي رحمةٌ للعالمين، رحمت وندي وينو.
انهيءَ جي آسري ارض و سما ۽ بحر و بر آھي.

******

رسي ملت جو ويندو ڪاروان "مشتاق" منزل تي،
اسان جو اهڙو هادي راهبر ۽ رهنما آھي.

******

# غارِ حرا جي روشني!

عالمِ انسانيت جي ارتقا جي روشني،
تاقيامت مصطفيٰ جي نقشِ پا جي روشني.

ذبح اسماعيل کان قتلِ حسين جو سلسلو،
راهِ حق ۾ آهي تسليم و رضا جي روشني.

❀

فتح و نصرت جي بشارت آهي من ۾ موجزن،
دل ۾ آبدر و حنين و ڪربلا جي روشني.

بي زبانن جي زبان بي واهه بيڪس جو اجهو،
هر بشر جي رهبري رشد و هدا جي روشني.

❀

علم ۽ تهذيب جا مينار اڄجن تا اتي،
ٿي رسي جنهن جاءِ تي غارِ حرا جي روشني.

مشڪلاتون حل ٿين، پوري ٿئي ٿي هر مراد،
ٿي عطا "مشتاق" کي صَلِّ عَليٰ جي روشني.

❀

# مصطفيٰ جو شان آ!

١- ساري عالم کان نيارو مصطفيٰ جو شان آ.
سڀ کان مولا کي پيارو مصطفيٰ جو شان آ.
٢- ويو جتي سان عرش تي معراج جسماني ٿيو.
ٿيو نگاهن سان نظارو مصطفيٰ جو شان آ.
٣- جسم نوري عرش تي پهچي سراپا نور ٿيو.
قاب قوسين قرب وارو مصطفيٰ جو شان آ.
٤- ٿيون بدر ۾ پٽريون تلوار تيرن کان تکيون.
چنڊ کي آڱر اشارو مصطفيٰ جو شان آ.
٥- دشمنن جي فتح مکه وقت بخشش عام ٿي.
هي رويو نت نيارو مصطفيٰ جو شان آ.
٦- جهنگلن جا شينهن پيي نالو ٻڌي نئڙي پيا.
ٿيا صحابي جو سهارو مصطفيٰ جو شان آ.
٧- سرپرستي جنهن غلامن ۽ يتيمن جي ڪئي.
سَيّدي ٿيو حبشي ڪارو مصطفيٰ جو شان آ.
٨- زندگي ۾ منهنجي عزت، ان سان الفت جي ڪري.
آخرت جو چوٽڪارو مصطفيٰ جو شان آ.
٩- نعت خوان "مشتاق" آهي مصطفيٰ محبوب جو.
من ٿيو قربن قرارو مصطفيٰ جو شان آ.

# نوارش جي نظر ساقيا!

(١) نوازش جي کر ڪا نظر ساقيا،
ڪلن منهنجي قسمت جا در ساقيا.

(٢) اچي روضي اطهر جي آڏو رهان،
جبين منهنجي ۽ تنهنجو در ساقيا.

(٣) زماني جي گردش ۾ قاتل رهان،
لهو بي خبر جي خبر ساقيا.

(٤) رڳو تنهنجي رحمت ۾ آهي اميد،
رهان روز شب منتظر ساقيا.

(٥) وسڻ ساڻ ويرانا آباد ٿيا،
تون رحمت جو آهين ڪکر ساقيا.

(٦) غلامن ۾ ڪر منهن جو نالو قبول،
اها مدّعا مختصر ساقيا.

(٧) ڇڏي تنهنجو در ٻئي جي در جو وڃي،
رهي عمر پر دربدر ساقيا.

(٨) جو تنهنجي رضا جو طلبگار ناهي،
خدا جو انهيءَ تي ڏمر ساقيا.

(٩) ڪري معاف ڪمزوريون ڪوتاهيون،
زيارت سان ڪر بهره ور ساقيا.

(١٠) ڪو "مشتاق" جو ناهه واهر ولي،
خطا منهنجي ڪر درگذر ساقيا.

# پيارو نبي ﷺ

اسان جو پيارو پيارو نبي،
نبين ۾ سڀ کان نيارو نبي

☆...☆...☆

غريبن جو غمخوار واهر ولي،
سڄي جڳ جو آهي سهارو نبي.

☆...☆...☆

ضعيفن ۽ هيڻن جو حامي هيو.
ڏکايل جي ڏک ۾ ڏکارو نبي.

☆...☆...☆

هُو صورت ۽ سيرت ۾ هو بي مثل،
وڏي مان ۽ شان وارو نبي.

☆...☆...☆

گهرايو خدا جنهن کي عرش اتي،
ڪيو رات ۾ سير سارو نبي.

☆...☆...☆

فلڪ تي ٻه اڌ ٿي پيو منٽ ۾،
ڪيو چنڊ کي جيئن اشارو نبي.

☆...☆...☆

شهنشاهه جنهن جا سلامي ٿيا،
سگهن کان ٻه سگهه ۾ سگهارو نبي.

☆...☆...☆

نه مٽ ثاني "مشتاق" جنهن جو ملي،
پلن کان ٻه آهي پيارو نبي.

# هميشه آرزو اهڙي....!

سدائين دل ۾ آهي دلربا جي جستجو اهڙي،
ٻئي ڪنهن جي محبت ناهه من ۾ هوبهو اهڙي.

پلي هر حرف سيرت توڙي صورت ۾ ڏسو پرکي،
ڪٿي ڪا شخصيت ملندي نه توکي خوبرو اهڙي.

نبي جي عاشقن جي آهي جا الله وٽ عزت،
دنيا ۾ ۾ ملي ڪنهن کي نه آهي آبرو اهڙي.

ٿئي جنهن جي ثنا هر وقت ٿي مينار منبر تان،
نه اڄ تائين آ پاتي مرتبت ڪنهن ماهرو اهڙي.

اٿم خواهش ته چمندي تنهنجي چائنٺ منهنجو دم نڪري،
ڪندس محبن کي من جي مدّعا مان روبرو اهڙي.

نه دشمن جو هجي الڪو، نه خطرو ڪنهن مصيبت جو،
حياتي منهن جي، صدقي تنهنجي ٿئي شل سرخرو اهڙي.

ملي مغموم من کي جيڪا راحت تنهنجي يادن ۾،
ڪٿي تسڪين زخمي دل کي ڏيندا چاره جو اهڙي

دعا آهي نبي جي نقشِ پا شل زندگي گذري،
رهي ”مشتاق“ جي من ۾ هميشه آرزو اهڙي.

# ذوقِ نظر ۾ مدينو!

خيالن ۾ ذوقِ نظر ۾ مدينو،
هميشہ رهي دل جي گهر ۾ مدينو.

نہ ارض و سما ۾ ڪٿي اهڙي عظمت.
ٿيو بي مثل بحر و بر ۾ مدينو.

تصوّر مديني جو تسڪين دل جي،
رهي ياد شام و سحر ۾ مدينو.

رهي دل ۾ هر دم پرين جي پچار،
پڇان ٿو مان هر هڪ خبر ۾ مدينو.

اهو ئي سفر زندگي جو سفر آ،
هجي مدّعا جنهن سفر ۾ مدينو.

ملي زندگي کي ٿو معراج ”مشتاق“
سڪونت هجي عمر پير ۾ مدينو.

# محبّت آهي جز ايمان جو!

پرت سان پورو پڙهي پيغام ڏس قرآن جو،
هر حرف آهي حوالو مصطفيٰ جي شان جو.

رک محمّد ﷺ ساڻ ناتو عشق جو مضبوط تر،
جيڪڏهن چاهين رضامندو ٿو رب رحمان جو.

گهر دعائون تي وڃين شامل غلامانِ رسول
بس شرف آهي انهيءَ ۾ حضرتِ انسان جو.

قابلِ معافي خدا وٽ ناهي گستاخِ رسول،
اهڙو ماڻهو آهي پيروڪار ڄڻ شيطان جو.

ناهه مؤمن دل ۾ ناهي جيڪڏهن حبِّ رسول،
ڄڻ ادب سان گڏ محبّت آهي جز ايمان جو.

دنيا توڙي آخرت ۾ آ شفاعت جو ڏڻي،
ڳولين ڇو ٿو در ٻيو تون درد جي درمان جو.

موڪليندو رهه درودن ۽ سلامن تي سلام،
شڪر ڪر اهڙي طرح الله جي احسان جو.

درد و غم تي دور ويندا، رک نبي سان رابطو،
هن ڪان وڌ آسان ناهي ڪو علاج ارمان جو.

ڏس ڪرم ڪيڏا ڪيا "مشتاق" تي مولا ڪريم،
ٿيو پيغمبر ساڻ پيوند جسم جو ۽ جان جو.

# رحمتن جو گهر مديني ۾!

خدا جي رحمتن جو گهر مديني ۾،
نبي جو روضهءِ اطهر مديني ۾.

☆☆☆

رکي چانئٺ تي سر رئندو رهان آئون،
بلاشڪ بخشش جو در مديني ۾.

☆☆☆

عنايت جيڪڏهن ٻانهي مٿان ٿيندي،
مسافر تي رهان هر هر مديني ۾.

☆☆☆

رڳو الفت جا ڪاهي قافلا هل تون،
اکين جا لڙڪ ٿيا گوهر مديني ۾.

☆☆☆

اکيون ٻوٽي ۽ دل جي ديد سان ڏس تون،
نظر ايندا نوان منظر مديني ۾

☆☆☆

ٿئي ”مشتاق“ تي سرڪار شل راضي،
رکن در جو ڪري نوڪر مديني ۾.

☆☆☆

# عرض عاجز جا اگھائيندا.....!

ڪڏھن حاجي مديني جون گھٽيون مون کي گھمائيندا،
سلامن جا ھلي روضي اتي تحفا پڄائيندا.

******

جڏھن اصحاب صفه وٽ نبي جي در پڪاريندس،
ڪٽي نوري نظر نورِ خدا مون ڏي نھاريندا.

******

مان پيراندي کان بيھي پير چمندو چمندو ئي رھندس،
پيالا پرت جا پيارا محبّت سان پياريندا.

******

ادب جا ھٿ ٻڌي مان حال اوريندس مواجھ وٽ،
يقين آھي تہ پنھنجا پاجھ وارا ھٿ وڌائيندا.

******

زيارت گنبذِ خضريٰ جي ٿيندي رات ڏينھن مونکي،
گنھگارن جي بخشش جا ھتي واھڙ وھائيندا.

******

ھتي الله کان جيڪي بہ گھربو سو ملي ويندو،
نبي جي بارگاہ ۾ عرض عاجز جا اگھائيندا.

******

مديني مان نہ ڪو محروم ٿي ”مشتاق“ موٽيو آ
سخي سيني سوالن کي اجابت سان اگھائيندا.

# مصطفيٰ جي رضا آ.....!

خدا جي رضا مصطفيٰ جي رضا آ،
نبي کي رنجائڻ عذابِ خدا آ.

******

حبيبِ خدا جي ٿي ات ميزباني،
جتي هر طرف بس خدا ئي خدا آ.

******

خدا جي خدائي تي ان جي حڪومت،
ٿيو زير فرمان هر دوسريٰ آ.

******

ٿيو پرتوو حسنِ حق لَمْ يَزَلْ جو،
خبر ناهي ڇا ابتدا انتها آ.

******

خرد عقل جنهن کي نہ سمجھي سگھيا،
هو هر سوچ ۽ سمجھ کا ماوريٰ آ.

******

نبيّن رسولن ۾ اوّل ۽ آخر،
هو ختم الرّسل سيّد الانبيا آ.

******

ڪري ڪھڙي "مشتاق" تعريف ان جي،
ثنا گر سندس خالقِ ڪبريا آ.

# توحيد جا ميخانا مديني ۾....!

خدا جي رحمتن جا ٿا ٿين جلوا مديني ۾،
جڏهن صلِّ عليٰ جا ڳائجن نغما مديني ۾.

ڏين هوڪا هوائون ٿيون مديني جي فضائن ۾،
خزانا خير جا آهن کليل هر جا مديني ۾

ادب سان آهي گڏ دل ۾ اگر موڙي محبّت جي،
نفعي وارا ٿين ٿا پوءِ سڀ سودا مديني ۾

اچن عاشق ٿا رئندا رڙندا روضي پاڪ جي در تي،
ٿين محرومين جا چاڪ ٿا پردا مديني ۾.

سبق ڏاهپ ۽ حڪمت جا دنيا وارن کي سيکاريا،
ٿيا داناءَ ڪان داناءَ، ديوانا مديني ۾.

پياري سڀ کي ٿو ساقي پيالا آب ڪوثر جا،
ٿيا توحيد جا موجود ميخانا مديني ۾.

ڏنو آهي اکين سان مون دنيا جي بادشاهن کي،
اچن ٿا ويس پهري سڀ غلامانا مديني ۾.

ثناءِ مصطفيٰ جا ناهي گلدستا عقيدت سان،
ڪيا "مشتاق" آهن پيش نذرانا مديني ۾.

## نغمو محمّد ﷺ جو....!

خدا ڳائي فرشتن ساڻ گڏ نغمو محمّد جو،
نظر جيڏانهن ڪٿو، ايندو نظر جلوو محمّد جو.

نبين جو نبي آهي رسولن جو رسول آهي،
خدا کا بعد ٿيو سڀ کا مٿي رتبو محمّد جو.

انهيءَ مؤمن تي دوزخ ٿي هميشہ لئي حرام آهي،
ڏٺو جنهن روبرو يا خواب ۾ چهرو محمّد جو.

نشاني عشق ۽ ايمان جي آهي فقط هڪڙي،
رهي رڳ رڳ ۾ جاري ذڪر هر لمحو محمّد جو.

ازل کان‌تا ابد ٿي جستجو ۾ ڪائنات آهي،
مگر ممڪن نہ آ معلوم ٿئي رتبو محمّد جو.

ولايت جا صداقت جا اکيئن پيڪر ڏسڻ چاهين،
نياٽو ڏس نبي جو ۽ وري سهرو محمّد جو

دعائن ۾ درودن ۾ صلاتن ۾ سلامن ۾،
جتي الله جو نالو اتي نالو محمّد جو.

زمين تي، آسمان تي، عرش ڪرسي، بحروبر ۾ ڏس،
لڳي الله اڪبر ساڻ گڏ نعرو محمّد جو

خدا "مشتاق" تي رحمت ۽ نعمت ڪئي عطا ڪيڏي،
رهي هر وقت ٿو وردِ زبان ڪلمو محمّد جو.

## ڏسان روضو محمّد ﷺ جو....!

حياتي ۾ ڏسان روضو هلي هيڪر محمّد جو،
زياده جنّت الفردوس کان آ در محمّد جو.

☆☆☆

ڇڏي شاهي، گدائي مصطفيٰ جي ناز ٿو سمجهان،
شهنشاهن کان بهتر شان ۾ نوڪر محمّد جو.

☆☆☆

گهران حورون قصورون باغ جنّت جا نٿو هرگز،
چمان چشمن سان شل ڇهرو ڇگو انور محمّد جو.

☆☆☆

مران جيڪر مديني ۾ ملڪ گستاخ چو ٿيندا،
هجي مسڪين تي پهرو پڌر هر هر محمّد جو.

☆☆☆

لبن تي ساهه "لاغر" جو ڏسي سردار فرمائي،
ڏيو "مشتاق" کي هينئر ڪٽي ڪوثر محمّد جو.

☆☆☆

# رهبري رهنما کي عطا....!

خدائي حبيبِ خدا کي عطا،
محمّد مٺي مصطفيٰ کي عطا.

******

تي ختمِ نبوّت ، رسالت جي نعمت،
نبي خاتم الانبيا کي عطا.

******

ڏسڻ ذات ربّي صفا روبرو،
هي معراج آ مجتبيٰ کي عطا.

******

نبين جو آهي بلاشڪ نبي،
اها رهبري رهنما کي عطا.

******

امامت نبيّن جي اقصيٰ اتي،
پياري پرين پيشوا کي عطا.

******

عجب تاج لولاڪ جو سروري،
شهنشاهه هر دوسريٰ کي عطا.

******

رکي رشڪ تو عرش نعلين جي،
عجب شان غارِ حرا کي عطا.

******

بلاشڪ شفيع الامم آهي جو،
تي اذنِ شفا مصطفيٰ کي عطا.

# واهہ رسول الله!

خدا جو ناز پرور نازنين دلبر رسول الله،
سڀني سنسار جو سائين سچو سرور رسول الله.

١- پيارو محب منڻو خالقِ اڪبر رسول الله،
زمين کان عرش تي آيو نبي اطهر رسول الله.
ٿيو عزّ و شرف ۽ شان ۾ برتر رسول الله،
جهان جي سنگ خارا کان ۾ گوهر رسول الله.
تجلّو نور ربّاني عجب انور رسول الله.

٢- عجيبن جي اچڻ سان ٿي ويا اديان سڀ باطل،
عزا ۽ لات شرمايا، ٿيا توحيد جا قائل،
هيا حيران ڪافر ۽ مچي هرجاء وئي هلچل،
اڱڻ نوشيروان جي ۾ اچي ويو اوچتو زلزل.
يتيمن بيڪسن جو ويو اچي واهر رسول الله.

٣- هيو روح الامين پيادو نبي برّاق تي بالا،
وڃي بيت المقدّس ۾ پرين ٿيو پيشوا اعليٰ.
فلڪ چوٿين اتي اڳتي وڌي ڪئي مرحبا عيسيٰ،
ڪئي جبريل، سدره وٽ، ادب سان التجا آقا.
ذرو هڪڙو وڌايان وک سڙن سڀ پر رسول الله.

۴- چيو روح الامين رهبر پرين چڙ خواب نوراني،
سواري ڪر سگهو سائين ڏکي هل تاج سلطاني.
ملائڪ منتظر آهن، نبيّن کي ٿي حيراني،
سمورا آسمان سينگاريا تو لئي مٺا جاني.
اڏايل عرش ڪرسي تي اوهان جو گهر رسول الله.

۵- ڪيائين سير عرشن جو هئي نعلين قدمن ۾،
جتي ٿي پئي شرف واري پرين جي پاڪ پيرن ۾.
هيو صلِّ عليٰ جو ورد صحرا توڙي گلشن ۾،
خوشي جا گيت ڳايا ويا زمين و آسمانن ۾.
ثنا ڪهڙي ڪري "مشتاق" لاغر يا رسول الله.

# ٻڏي گفتار گوهر جي.....!

(۱) ڪيان تعريف ڪهڙي مصطفيٰ مختار انور جي،
محمّد مصطفيٰ مدني سچي سردار سرور جي.

☆☆☆

(۲) مسيحا لب لبن تي ٿي رکي زنده ڪيا ليڪن،
ٿيا جابر جا پٽ جئرا ٻڏي گفتار گوهر جي.

☆☆☆

(۳) ملي موڪل نہ موسيٰ کي جتي سان طور سينا تي،
عجب ٿي عرش تي نعلين سان رفتار رهبر جي.

☆☆☆

(۴) رهن روح الامين جهڙا ملڪ دربان ٿا درجا،
عجب عزّت پيري ٿي عرش تي دربار دلبر جي.

☆☆☆

(۵) قيامت ۾ پڪاريندا نبي تنهنجي شفاعت لئي،
ملي اذنِ شفا توکي منا منٺار محشر جي.

☆☆☆

(۶) غريبن جو تون ئي ماويٰ، يتيمن جو تو ئي ملجا،
پرين پارت هجي توکي سدا ”مشتاق“ لاغر جي.

☆☆☆

# سلسلا ان جي عطائن جا......!

نبي معراج ۾ تحفا ڏنا ورتا سلامن جا،
پروڙي ڪين سگهبا راز هرگز راز وارن جا.

جڏهن ارض و سما جي نور وٽ نورِ خدا پهتو،
هٽي هڪدم ويا پردا حبيبن سان حجابن جا.

شهنشاهِ دو عالم جي سواري پهتي عرشن تي
نہ کوليا ويا ڪڏهن اهڙيطرح در آسمانن جا.

زمين و آسمان تي مرحبا جا گيت ڳايا ويا،
ڏٺا اهڙا نہ دنيا رنگ اڄ تائين فضائن جا.

ڪيو هر هنڌ استقبال احمد جو رسولن ٿي،
عجب انداز ها عرشِ عظيم تي اهتمامن جا.

ازل کان هو جتي "الله هو الله هو" هر دم،
اتي "صلِ عَليٰ" جا ورد ٿيا شاهِ جهانان جا.

زمين وارن جا ٿي ويا آسمان سان رابطا قائم،
هميشہ لئي کلي ويا در سندس گولن غلامن جا.

سندس ئي فيض جا درياءَ جاري اڄ بہ عالم ۾،
نہ آهن ختم ٿيڻا سلسلا ان جي عطائن جا.

مديني ۾ جڏهن مهمان پهتا مير جي در تي،
ٿيا ڪيڏا ڪرم "مشتاق" تي ڏس ميزبانن جا.

# يا رسول الله رسيج!

تنهن جي در تي آهيان دانهين يا رسول الله رسيج.
شل مرادون مون پڄائين يا رسول الله رسيج.

حادثن ئي حادثن جو هر گهڙي آهيان شڪار.
جان منهنجي تون ڇڏائين يا رسول الله رسيج.

خواهشن جي چار ۾ آهيان، وڪوڙيل خواهه مخواهه.
ڇوٽڪارو مون کي ڏيارين يا رسول الله رسيج.

منهنجي اميّدن جي ٻيڙي آهي سائر سير ۾.
پار هي ٻيڙي ڪرائين يا رسول الله رسيج.

مشڪلاتون مشڪلاتن جي ڇپنيان موجن مثال.
منهنجي هر مشڪل مٽائين يا رسول الله رسيج.

نا اميدي جي رڻن ۾ تو رڙان ريهون ڪيان.
التجا منهنجي اگهائين يا رسول الله رسيج.

رحمةٌ للعالمين آهين، رؤف آهين، رحيم.
پنهنجي رحمت سان نوازين يا رسول الله رسيج.

منهنجي ڏوهن جو نه ڪاٿو، تنهنجي رحمت بي حساب
منهنجي هر بگڙي بنائين، يا رسول الله رسيج.

تو سوا ”مشتاق“ جو همدرد ۽ حامي نه آهه
سڏ ۾ تي ساڻين سدائين يا رسول الله رسيج.

# محمّد محمّد (ﷺ) مددگار آيو....!

دو عالم جو سرتاج سردار آيو،
محمّد محمّد مددگار آيو.

١- سچا جنهن سوا سارا گلشن سراسر،
اداسي هيون جنهن جون بلبل برابر.
هيا عشق جنهن ۾ جي ۾ آتا عناصر،
سو نورٌ علٰيٓ نور نروار آيو.
٢- اڙها جنهن لئي دريا هٽي موج لهرون،
وسيا جنهن لئي بادل تي برسات پيريون.
وهن جنهن جي حب ۾ هي چشما ۽ نهرون،
سو نورٌ علٰيٓ نور نروار آيو.

❀❀❀

٣- فلڪ تي ملائڪ ٻه مستان سارا،
زمين تي ها حيران حيوان سارا.
هيا جيت جٽيا پريشان سارا،
سو نورٌ علٰيٓ نور نروار آيو.
٤- لٿي شمس تارن جي سڀ بيقراري،
سٽن آسمانن جي وئي انتظاري.
اچڻ جنهن جي سان عرش ۾ تي بهاري،
سو نورٌ علي نور نروار آيو.

❀❀❀

٥- شهنشاهه سردار جنهن جا سلامي،
عرب ۽ عجم ٿا قبولن غلامي.
هلي جنهن جي ڪونين تي حڪمراني،
سو نورٌ علي نور نروار آيو.

٦- پلي ڪر تون "مشتاق" موجون بهاري،
حبيبن جي توتي نظر پيار واري.
ثنا جنهن جي ۾ تو حياتي گذاري،
سو نورٌ علي نور نروار آيو.

# نہ آهي بندگي اهڙي....!

حبيبِ ڪبريا سان آهي منهنجي دل لڳي اهڙي،
برابر هن جي دنيا ۾ ۾ ناهي عاشقي اهڙي.
زبان تي هر گهڙي ذڪرِ نبي جاري رهڻ گهرجي،
خدا ڪي پنهنجي پانهي جي وٽي تي زندگي اهڙي.

نبي جي واسطي سان تي دعا جيڪا پُڄي رب وٽ،
نہ استغفار اهڙي ڪا نہ آهي بندگي اهڙي.
مديني ۾ ملي ٿي مون کي جيڪا روح کي راحت،
نٿو سمجهان تہ جنّت ۾ بہ هوندي تازگي اهڙي.

نہ ڪر ايمان ضايع زور سان ڳالهائي روضي وٽ،
خدا وٽ هن کان وڌ ٻي ناهہ ڪا ناراضگي اهڙي.
بشر ۽ نور جا ڇو مسئلا ڇيڙي منجهائين ٿو،
خدا کان بعد ناهي ڪا بزرگي هن نبي جهڙي.

گهرين ٿو جيڪڏهن هردم رضامندو خداوندي،
محبّت مصطفيٰ سان رک نہ ٻي ڪا دوستي اهڙي.
شهنشاهي بہ آ جنهن جي غلامن جي غلامي ۾،
غلامي ۾ ملي "مشتاق" کي آ صاحبي اهڙي.

# آرزو پوري نہ ٿي.....!

تنهنجي خوبين جي خبر اي خوبرو پوري نہ ٿي،
هر ثناگو ڪئي ثنا پر هوبهو پوري نہ ٿي.

❀❀❀

زندگي پر مان بہ مدحت مصطفيٰ لکندو رهيس،
زندگي ٿي پوري پر هي گفتگو پوري نہ ٿي.

❀❀❀

ٿو گهران الله کان اهڙيون حياتيون لک هزار،
مختصر مدّت ۾ منهنجي آرزو پوري نہ ٿي.

❀❀❀

ڪئي ثنا سعدي ثنائي جامي، رومي ۽ حسان،
پر ثناءِ مصطفيٰ ڪَمَا حَقُّهٗ پوري نہ ٿي.

❀❀❀

جيڪا عزّت آبرو تنهنجي غلامي ۾ ملي،
بادشاهي ۾ بہ اهڙي آبرو پوري نہ ٿي.

❀❀❀

عقل سان ڄاڻڻ گهرين ٿو تون مقامِ مصطفيٰ
پر پرين جي پرک توکي پارکو پوري نہ ٿي.

❀❀❀

عمر پر "مشتاق" کي آهي تڙپ ميلاپ جي،
جستجو جاري رهي پر جستجو پوري نہ ٿي.

❀❀❀

# دربدر ٿيندين.....!

محمّد مصطفيٰ جو در ڇڏيندين دربدر ٿيندين،
نبي جو گهر ڇڏي ٻيو گهر اڏيندين دربدر ٿيندين.

هِتي توڙي هُتي هڪڙو وسيلو واهرو آهي،
سوا هن جي وسيلو ٻيو سڏيندين دربدر ٿيندين.

سندس امت سان الفت، آل سان، اصحاب سان رک تون،
ٻين سان دوستي جو هٿ وڌائيندين دربدر ٿيندين.

هجي دل ۾ زبان تي هُن جي هڪجهڙي پذيرائي.
منافق ٿي نه تون هن کي مڃيندين دربدر ٿيندين.

قيامت تائين جنهن جو نالو ڳڏ الله نالي سان،
انهيءَ نالي کان جيڪر منهن مٽيندين دربدر ٿيندين.

خدا پنهنجي حبيبن سان ڪيو ڪنهن کي نه آ همسر،
نبي جي شان ۾ ٻئي کي ڳڏيندين دربدر ٿيندين.

ملي ايمان کي ٿي تازگي نالي وٺڻ سان ئي،
انهيءَ رحمت کان جي محروم ٿيندين دربدر ٿيندين.

جهانن جي آ جنهن جي نانء سان ناموس وابسته،
انهيءَ جي خاڪ پا جيڪر نه هوندين دربدر ٿيندين.

ڪمي ايندي نه تنهنجي بغض سان شانِ محمّد ۾،
تون پنهنجو پاڻ کي دوزخ ڌڪيندين دربدر ٿيندين.

پڙهي صلِّ عَليٰ "مشتاق" ڪر آسان هر مشڪل
نه اهڙي چاشني چت سان چکيندين دربدر ٿيندين.

# پرين پرکڻ ڏيو مشڪل....!

حقيقت مصطفيٰ جي ڪي سڄڻ سمجھڻ ڏيو مشڪل،
پلي پيا پارکو پرکن، پرين پرکڻ ڏيو مشڪل.

خدا سان عشق پي مشروط آ جنھن جي محبّت سان،
سوا ھن جي خدا وٽ پي پڄڻ پھچڻ ڏيو مشڪل.

حديثِ دلبران سان ناھ جيسين آشنائي ٿي،
تہ پيغامِ خداوندي پڙھڻ پرجھڻ ڏيو مشڪل.

خدا سان ٻانھي جي جنھن جي وسيلي ٿي شناسائي،
بنا ھن واسطي جي رب رنل پرچڻ ڏيو مشڪل.

اطاعت جنھن جي ڪي الله سڏي پنھنجي اطاعت ٿو،
سندس نقشِ قدم کان ھڪ قدم ڦيرڻ ڏيو مشڪل.

سلامتي دين ۽ ايمان جي مؤمن گھرين جيڪر،
نبي جي اسوۂِ حسنہ کان منھن موڙڻ ڏيو مشڪل.

عنايت رھنمائي سيرتِ نبوي جي ٿي جنھن کي،
ٻين جي در اُتي ھُن جو پلڻ پٽڪڻ ڏيو مشڪل.

سلامن جا ڪٽي تحفا جڏھن ”مشتاق“ ھت پھتا،
سوالي جو ھٿين خالي ھتان موٽڻ ڏيو مشڪل.

# سر جهڪائي ڏس تہ ڇا ٿو ٿئي...!

نبي سان نينهن جو ناتو لڳائي ڏس تہ ڇا ٿو ٿئي،
سندس قدمن تي پنهنجو سرجهڪائي ڏس تہ ڇا ٿو ٿئي.

شهنشاهن جا تخت وتاج هوندا تنهن جي پيرن ۾،
سندس نوڪر جو پيو نوڪر سڏائي ڏس تہ ڇا ٿو ٿئي.

سڏيندا توکي قسمت جو ڌڻي دنيا جا خوش قسمت،
سندن نقشِ قدم تي وک وڌائي ڏس تہ ڇا ٿو ٿئي.

نہ ٿيندو خوف خطرو قبر ۾ يا حشر ۾ توکي،
رڳو تون امتي ان جو چوائي ڏس تہ ڇا ٿو ٿئي.

پهاڙن کان وڏا انبار توتي مشڪلاتن جا،
تون دل جو حال هن کي سڀ سڻائي ڏس تہ ڇا ٿو ٿئي.

نبي کان دور ٿيندي ٿيندي، رب کان دور ٿي ويندين،
هچارا، هوڏ، هٺ ڌرمي هٽائي ڏس تہ ڇا ٿو ٿئي.

ڇڏي در مصطفيٰ جو ناهہ پهتو ڪو بہ منزل تي،
تون هن کي پيشوا پنهنجو بنائي ڏس تہ ڇا ٿو ٿئي.

پيارو جان کان، ماء پيء کان، اولاد کان سمجهي،
محبّت جا تقاضا سڀ نڀائي ڏس تہ ڇا ٿو ٿئي.

ڪڍي دل مان سمورا وسوسا، خدشا ۽ انديشا،
ادب سان هٿ محبّت جا وڌائي ڏس تہ ڇا ٿو ٿئي.

يقينن منزلِ مقصود تي "مشتاق" ٿا پهچن،
اکين تان ٻِڪ ٻيائي جا مٽائي ڏس تہ ڇا ٿو ٿئي.

# نبوّت سان نروار انور ٿيو!

سدا جنهن جو حبدار پرور ٿيو،
سو عربي محمّد منوّر هيو.

١- ستارا قطب ڪين شمس و قمر،
زحل مشتري جو نہ پرزو پڌر.
سِرَاجًا مُّنِيْرًا سو سرور ٿيو.

٢- نہ آدم جو بوتو مٽي ۾ مليو،
نہ روح الامين جو ڪو نالو هيو.
نبوّت سان نروار انور ٿيو.

٣- نہ ارض و سما ها نہ ڪون و مڪان،
نہ جنّت نہ دوزخ نہ سارو جهان،
نبي پاڪ جو نور اظهر ٿيو.

٤- نہ حور و پري ها نہ جنّ و بشر،
نہ درياءَ چشما نہ حجر و شجر.
خدا پاڪ ظاهر هي مظهر ڪيو.

٥- نہ ڪعبو نہ بيت المقدّس هيا.
نہ لوح و قلم عرش ڪرسي نهيا.
اول جنهن کي الله دلبر چيو.

٦- خدا پاڪ جنهن جو ثنا گر چوان،
ثنا ان جي "مشتاق" ڪهڙي ڪيان.
خدا بعد آهي جو اڪبر ٿيو.

# سادڙو اهلِ ايمان آهيان...!

لکين شڪر رب جا مسلمان آهيان،
محمّد مٺي جو ثنا خوان آهيان.

نہ مشرڪ نہ ڪافر نہ اهلِ ڪتاب، ابي ڏاڏي کان اهلِ قرآن آهيان.
نہ فرقو تفرقو نہ فتنو فساد، فقط دين اسلام جي دان آهيان.
احاديث قرآن سنّت نبي جي، مڃيندڙ ۽ راسخ مسلمان آهيان.
نبين وليّن ڪتابن فرشتن، جو مان معتقد دل سان خواهان آهيان،
رکان آل اصحاب سان ٿو محبت، سندن خاڪِ پاءِ درجو دربان آهيان،
خدا جي وليّن جو آ احترام، انهن جو غلامِ غلامان آهيان.
پيارا اتم جان ڪان اهلِ بيت، انهن ئي عقيدن جو انسان آهيان.
جزا حشر ۽ نشر تي آهي ايمان، نبي جي شفاعت جو خواهان آهيان.
مديني ۽ مڪّي سان ساڳي محبّت، محمّد مٺان جان قربان آهيان.
خزانو سخا جو عطا جو اهو ئي، انهيءَ در اتي دستِ دامان آهيان.
نہ بدعت نہ نفرت جو قائل ڪڏهن، صفا سادڙو اهلِ ايمان آهيان.
نہ گستاخ يا بي ادب بي شناس محبّت جو مان مردِ ميدان آهيان.
خدا کي مڃان خيرو شر جو ڏٽي ٿو، سندس طالبِ رحم احسان آهيان.
درودن سلامن ۾ سمجهان نجات انهيءَ منجهہ ”مشتاق“ مستان آهيان.

# سگھورس رسولِ خدا هاشمي (ﷺ) !

| | |
|---|---|
| ١- يا عربي امي ابطحي احمدا، | سگھورس رسولِ خدا هاشمي. |
| يا مدني مڪّي مصطفيٰ مجتبيٰ | سگھو رس رسولِ خدا هاشمي. |
| ٢- اَغِثنِي اَغِثنِي چوان يا رسول، | جهلي دامنِ پاڪ آل بتول |
| اگھايو مون عاجز سندي التجا، | سگھورس رسولِ خدا هاشمي. |
| ٣- ڪٽي نيڻ نوري نهاريو ذرا، | اچي حال امّت سڌاريو ذرا. |
| ٽيو سڏ ۾ ساٿي سچا سيّدا، | سگھورس رسولِ خدا هاشمي. |
| ٤- گناهن ۾ منهن جو ٽو ٻيڙو ٻڏي، | ادب جا ٻڌي هٿ ٽو سائل سڏي. |
| ڪُنن مان ڪڍي ٻيڙو منزل رساءِ، | سگھورس رسولِ خدا هاشمي. |
| ٥- ڪيو آهي عيبن اگھاڙو عليل، | نہ ڪوئي مددگار والي وڪيل. |
| اجھو ٽي اسان جو اڙين جا اجها، | سگھورس رسولِ خدا هاشمي. |
| ٦- ٽي سنّت سگھوري ڪان دوري گھٽي، | تَڪَبُر وڏائي وئي آ وٽي |
| ڪيو رهبري راهبر ، رهنما، | سگھورس رسولِ خدا هاشمي. |
| ٧- ڪئي عمر ۾ مون نہ نيڪي ذرو، | عبادت رياضت ڪان آهي پرو. |
| طفيلي خدا خالقِ ڪبريا، | سگھورس رسولِ خدا هاشمي. |
| ٨- سڏي روز شب توکي عاجز پيو، | ضعيفن جا همراهہ حامي ٽيو. |
| شفاعت ڪريو شال روزِ جزا، | سگھورس رسولِ خدا هاشمي. |
| ٩- ڪري ٻانهڙي تي ڪرم جي نظر، | خطادار جي سڀ خطا معاف ڪر. |
| مون ”مشتاق“ کي ڪر ملاقي مٺا | سگھورس رسولِ خدا هاشمي. |

## ......محبوب ديان مهجوريان

اے صبا وڃ تون مدینے پيش كر مجبوريان،
ماردیان مشتاق كون محبوب ديان مهجوريان.

سر قدم تي رك سجڻ دي، ڏي سنيها سوردا،
كر سگهي ساجن سكايل ديال اميدان پوريان.

دلربا تيڏي سوا هكڙي گهڙي گذري ڏكي،
رحم دي كر كا نظر كر دور ساريان دوريان.

لوك سارا ہے خوشي وچ میں خوشي كهڙي كران،
تيڏي مهجوري كتيان محروم سپ مسروريان.

ڏس كڏهن عاجز اتي تيسي نوازش دي نظر،
سال تئے سكدي ملڻ ديان ناملیان منظوريان.

فضل دا ڦيرا كرو "مشتاق" لاغر تي متا،
عشق دي منزل هزارين ماريان معذوريان.

# .....شان بيان كران!

١- كهڑي اكران كهڑي لفظان وچ سركار دي شان بيان كران،
هي نانء گهنڻ پي بي ادبي توڑي ڈوڈو پاک زبان كران.
٢- هل اكڑيان دي وچ آوے سڄڻ، دل اندر استقبال كران،
سرساه دا سارا سرمايا، تنهن قدمان تون قربان كران.
٣- جنهن خاک حرم تي تيڏي قدم، تنهن خاک دي ذرّي ذرّي تي،
گهر مال متاع پي گهور گهتان، تي نذرانا جند جان كران.
٤- نہيں سايہ نوري پيكردا، پر سايه رحمت دا سپ تي،
ميں اهڑي سايۂ رحمت كون ڈون جگ داسايہ بان كران،
٥- غمخوار غريبان، يار يتيمان، واهر هي بي واهان دي،
اهڑي هادي رهبر دي هٿ تي ميں الفت دا اعلان كران.
٦- معراج تي مولا آكي منا، اڄ عرش اتي تيڏي آمد تي،
ياسين طاها دا تاج ركان گلدسته كل قرآن كران.
٧- رخ والضحيٰ وانگر روشن تر، چڻ زلف سيه والليل مثال،
قوسين دا قرب كمال ٿيا، او ادنيٰ رب رحمان كران.
٨- كجھ نيک عمل دا ثمر نهين هي رحمت وچ اميّد وڈي،
محبوب خدا دا ذكر كران، ميں تازه دين ايمان كران.
٩- كو خوف نہ دنيا عقبيٰ دا، سركارِ دو عالم ساٿي ہے،
صلوات سلام درود پڑهان، هر مشكل كون آسان كران،
١٠- "مشتاق" محبّت نال سدا، مضبوط ادب دا رشتا رک،
ہے حال برا بي ادبان دا، بي ادب ٿيوان نقصان كران.
١١- غمگين "غلام حسين" نہ تي غم گوندر تي گم ويسن سپ،
سركار دا دامن پكڑ ركان دک دردان دا درمان كران.

# عشق نبي دا.....!

عشق نبي دا جنهن دل آيا،
مرسي مور نہ ڪڌهين،

❀❀❀

عشق نبي دا جنهن دل آيا،
سهسي سور نہ ڪڌهين،

❀❀❀

عشق نبي دا جنهن دل آيا،
سے سيپ بختاں والے۔

❀❀❀

عشق نبي دا جنهن دل آيا،
تنهن دے بخت نرالے

❀❀❀

عشق نبي دا دل وچ دائم،
مردے دم "مشتاق" رہے

❀❀❀

ڪلما تي صلوات سدائين،
قدم قدم "مشتاق" رہے.

❀❀❀

# ثنا گر خالقِ سبحان ہے!

دادلا تيّار تي فرمائيا رحمان ہے،
عرش تي سونهين سپاجھا، خود خدا فرمان ہے.

آسمان سينگاريا ملكان، تي آمد مير دي،
عرش تي آندا الاهي فرش دا مهمان ہے.

پڑھ صلواتان حور پريان، سپ ملائك آكدي،
عرش و كرسي دا، فلك فردوس دا، سلطان ہے.

راه وچ روح الامين رھ، عرض احمد كون كري،
وك وڈاوان نور تيڈا ساڑدا جند جان ہے.

نوري پيكر ذات ربّي نال تنهائي كتي،
ايڈي رتبي تي پلا انسان دا امكان ہے.

ويكھ احمد كون احد آكي، جتي دي نال آ،
واه مني محبوب مرسل مصطفيٰ دا مان ہے.

كرنهين سگھدا كڈھن "مشتاق" مرسل دي ثنا،
روز شب جنهن دا ثناگو خالقِ سبحان ہے.

# ميری بار کيوں دير اتنی کری

تيری رحمتوں کی ہے جلوہ گری، ميری بار کيوں دير اتنی کری۔

✿✿✿✿

جدھر ديکھو داور تيری داوری، ميری بار کيوں دير اتنی کری۔

✿✿✿✿

تھی آدم تے تيڏي کرم گستری، ميری بار کيوں دير اتنی کری۔

✿✿✿✿

کيوين نوح دی کشتی طوفان تری، ميری بار کيوں دير اتنی کری۔

✿✿✿✿

کتی دريا وچ موسیٰ دی رہبری، ميری بار کيوں دير اتنی کری۔

✿✿✿✿

تُسان زکريا دی ييي جھولی پيري، ميری بار کيوں دير اتنی کری۔

✿✿✿✿

براہيم دی آگ ٹھنڈی کری، ميری بار کيوں دير اتنی کری۔

✿✿✿✿

ميں روندا ميں رڙدا ميں دانھان کريندا، نبی پاک دا واسطا ڏي سڏيندا.

✿✿✿✿

اجان ميڏي مشکل نہ تئي حل ذری ميری بار کيوں دير اتنی کری۔

✿✿✿✿

نظر بانھڙي تی ہو رحمت پيري کھلی پاجھ دی رک ہميشہ دری

✿✿✿✿

تيری رحمتوں کی ہے جلوہ گری، ميری بار کيوں دير اتنی کری۔

# احسان نبی کا.....!

اللہ کی پہچان ہے عرفان نبی کا،
فرمانِ خداوند ہے فرمان نبی کا۔

کر بندہ ادا سکتا نہیں شان نبی کا،
اللہ عزوجلّ ثنا خوان نبی کا۔

ان گنت ہیں احسان خداوند کے لیکن،
احسان بڑا سب سے ہے احسان نبی کا۔

بندے کو بھلا کس نے کیا رب سے شناسا،
محبوبِ خدا بنتا ہے، مستان نبی کا۔

ہیں اس کے قدم چومتے دنیا کے شہنشاہ،
خوش بخت جو بن جاتا ہے دربان نبی کا۔

کونین کی دولت بخدا لوٹ لی اس نے،
ہے تھام لیا جس نے بھی دامان نبی کا۔

ناچیز پہ ہے رحمتِ عالم کا کرم خاص،
"مشتاق" مدینے میں ہے مہمان نبی کا۔

# وہ اکثر یاد آتے ہیں....!

۱۔ میں جاگوں یا کہ سوجاؤں وہ اکثر یاد آتے ہیں،
مدینے کے وہ منظر روح پرور یاد آتے ہیں۔

۲۔ کرم ہے اس کا، جس کو سایۂ دیوار مل جائے،
گلی کوچے میں رہنے والے اکثر یاد آتے ہیں۔

۳۔ مدینے کی فضاؤں پر، بہاریں رشک کرتی ہیں،
حرم کے پرکشش، پر نور، منظر یاد آتے ہیں۔

۴۔ خدا کے نور کی بارش برستی رہتی ہے ہر دم،
اسی نورِ ازل کی نوری پیکر یاد آتے ہیں۔

۵۔ نظر آتا ہے جلوہ دور سے جب سبز گنبد کا،
خدا کے نور کے پرنور مظہر یاد آتے ہیں۔

۶۔ رواں آنکھوں سے آنسوں ہوتے ہیں اور دل تڑپتا ہے،
ریاض الجنّت اور محراب و منبر یاد آتے ہیں۔

۷۔ کھڑے ہو کر کبھی قدموں میں، تیری جالی چومی تھی،
درودیوار کے وہ نقش، ہر ہر یاد آتے ہیں۔

۸۔ نسیم صبح خوشبو کے خزانے ساتھ لاتی ہے،
مہکتی یادوں کے لمحے معطّر یاد آتے ہیں۔

۹۔ تیری تعلیم نے انسان کو انسانیت دے دی،
مجھے اصحابِ صفّہ کے تصوّر یاد آتے ہیں۔

۱۰۔ بلال و مصعب و سلمان بوذر یاد آتے ہیں،
ابوبکر و عمر عثمان حیدر یاد آتے ہیں۔

۱۱۔ ہمیشہ مرغِ دل محرومیوں پر روتا رہتا ہے۔
درِ مرسل کے خوش قسمت کبوتر یاد آتے ہیں۔

۱۲۔ تجلّی سے بنے "مشتاق" ذرّے بھی مہِ کامل
اسی کے فیض سے چہرے منوّر یاد آتے ہیں۔

# ..... كامل پيشوادارم!

من آں مشتاق ما محبوب، محبوبِ خدا دارم،
چہ بختم در محبّت باخدا يك دلربا دارم۔
كند باشوق مارا مرحبا صد مرحبا منزل،
كہ ماپيشِ نظر ہرگام عشقش نقش پا دارم،
من آں بسمل كہ راضي بر رضائے يار مي باشم،
سر تسليم خم چوں عاشقانِ كربلا دارم۔
ز ہر عزّوشرف بالا ز ہر مدح و ثنا برتر،
ثنائے مصطفٰی را بس سپردِ كبريا دارم۔
ملائك بود شرمنده ز احوالِ گذشتہ خود،
كہ مي بينند، ما امروز رہبر رہنما دارم،
نہ دارد خطرهٔ بے ره روی ايں ملّتِ بيضا،
شبِ تاريك، ره گم گشتہ، كامل پيشوا دارم۔
چہ باك از موج بحرِ بے كراں شد كشتي مارا،
توكّل بر خدا دارم، نبي را ناخدا دارم۔
چرا، "مشتاق" فكر و غم بود از پرسشِ محشر،
محمّد مصطفٰی چوں شافعِ روزِ جزا دارم۔

تو شهنشاهِ دو عالم من گدا،
بندۂ بیچاره می دارد صدا۔
یومِ محشر گر حسابم می کنی،
آں نہاں کن از نگاہِ مصطفیٰ۔

❀❀❀

سالہا کردم گناہاں بے شمار،
پردہ پوشی کردۂ پروردگار۔
ایں عنایت باز بر ما می کنی،
پیش خواجۂ ما، نہ داری شرمسار۔

# فریاد ببارگاہ سرکار دوعالم ﷺ

بگشتم حال زاریدہ، زہجرت یا رسول اللہ،
ہمیں خواہم بصبح و شام، وصلت یا رسول اللہ۔
ز مہجوری برآمد اشکِ خوں، باران از چشم،
مثل غربال شد حالم ز فرقت یا رسول اللہ۔

❀❀❀

چرا مسکین را محروم، از دیدار خود کردی،
ملاقی شو ملاقی شو بشفقت یا رسول اللہ۔
کنی گر دور دوری را بنزدیکی نوازی تو،
بحمداللہ شوم شاداں، ز نعمت یا رسول اللہ۔

❀❀❀

کسے باشد نہ مارا در دوعالم جز تو مقصودے،
دلِ بیتاب گرویدہ، بعشقت یا رسول اللہ۔
کنی مسرور ایں مہجور را محبوب تو حالے،
شود "مشتاق" رنجیدہ زفرقت یا رسول اللہ۔

❀❀❀

# یارسول اللہ نگاہے!

۱- عاجزم بی اختیارم یا رسول اللہ نگاہے،
بردرت فریاد دارم یا رسول اللہ نگاہے۔

۲- عاصیاں رانیست جز تو درجہاں جائے پناہ،
نا امیدم از دوعالم یا رسول اللہ نگاہے۔

۳- مشکلاتم شد گرہ اندر گرہ ہر ساعتے،
نیست کس مشکل کشایم یا رسول اللہ نگاہے۔

۴- کردہ ام بادِ خزاں بے رنگ وبو باغِ حیات،
بازمی خواہم بہارم یا رسول اللہ نگاہے۔

۵- عمر رفتے، حل نگشتے، حاجتِ ما تا ہنوز،
پیش تو احوال کردم یا رسول اللہ نگاہے۔

۶- آہ و زاری اشک باری ہر مقامے کردہ ایم،
کس نہ باشد دستگیرم یا رسول اللہ نگاہے۔

۷- ازگناہم شد سیاہ اندر سیاہ موئے سفید،
تو برآور آبرویم یا رسول اللہ نگاہے۔

۸- نے رخ زیبا بدارم نے بہ نیکی دعویٰ ایم
من گنہگار اثیم یا رسول اللہ نگاہے۔

٩۔ رشتہ ام با ملّتِ تو بستہ ام با ایں امید،
تا بایں نسبت بنالم، یا رسول اللہ نگاہے۔

١٠۔ حالِ مارا نیست مخفی از تو اے دانائے راز،
پیش تو گویم، چہ گویم، یا رسول اللہ نگاہے۔

١١۔ نیست ایں دل بستہ راکس دل کشا جز تو حبیب،
در دمی تو دل کشایم یا رسول اللہ نگاہے۔

١٢۔ لَیْسَ اَحَدٌ شَافِعٌ لِّیْ عِنْدَ رَبِّیْ ذِی الْجَلَالِ
یَا نَبِیَّ اللّٰہِ تَرَحَّمْ یا رسول اللہ نگاہے۔

١٣۔ اِنَّنِیْ فِیْ بَحْرِھِمْ مُغْرَقٌ فِیْ کُلِّ یَوْمٍ
خُذْ یَدِیْ اَعْلَی الْمَکَارِمِ یا رسول اللہ نگاہے۔

١٤۔ بحرِ رحمت، از درت، کے باز گردد بے مراد،
سائلِ "مشتاق" گشتم یا رسول اللہ نگاہے۔

# فِيْ وَصْفِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

## پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي وصف ۾ واڪاڻ ۾

وَمَنْ يَسْعَىٰ يَصِفُ اَحْمَدَ بِوَصْفٍ
فَقُلْ هٰذَا بَعِيْدٌ عَنْ قِيَاسٍ

جيڪو به احمد مصطفيٰ ﷺ جن جي وصف ۽ تعريف ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، ان کي (صاف صاف) ٻڌائي ڇڏيو تہ (پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي تعريف) سندس وس کان ٻاهر آهي.

لَقَدْ اَثْنَاهُ فِي الْقُرْاٰنِ مَوْلَاهُ
وَلَا يُمْكِنُ لِاَحَدٍ مِنْ اُنَاسٍ

حقيقت ۾ الله پاڪ ئي قرآن ۾ سندن ڪماحقہٗ ثنا ڪئي آهي ۽ ڪنهن بہ انسان لاءِ اهو ممڪن ئي ناهي تہ هو سندن تعريف جو حق ادا ڪري سگهي.

لَنَا فَخْرٌ عَلٰى عِلْمٍ وَّفَهْمٍ
حَقِيْقَتُهٗ بَعِيْدٌ عَنْ حَوَاسٍ

اسان (وڌ مان وڌ) رڳو پنهنجي علم ۽ پنهنجي فهم تي فخر ڪري سگهون ٿا، پر پاڻ ڪريمن جي اصل حقيقت محمّدي ﷺ کي حواسن سان سمجهي سگهڻ ممڪن ئي نہ آهي ۽ انهن جي پهچ کان گهڻو پري آهي.

وَمَنْ لَا حُبَّ لَهٗ لَا دِيْنَ اَيْضًا
كَاَنَّكَ حُبُّهٗ هُوَ اَصْلُ رَاْسٍ

جنهن جي بہ دل ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي حب موجود نہ آهي، تہ سمجهو ان جو دين بہ نہ آهي، ڇو تہ درحقيقت سندس حب ئي (دين جي) اصل موڙي آهي.

تَذَكُّرُهٗ حُصُوْلُ الْخَيْرِ جِدًّا
وَحِفْظٌ كُلُّ خَوْفٍ كُلَّ بَاسٍ

پاڻ ڪريمن جو ذڪرِ خير، هر ڀلائي جي حاصل ڪرڻ جو يقيني ذريعو آهي ۽ (دنيا ۽ آخرت جي) هر خوف خطري ڪان پناهہ جو وسيلو آهي.

بِاِذْنِ اللّٰهِ شَافِعُ فِي الْقِيَامَةِ
وَمِنْ حَرِّ الْوَبَا ظِلٌّ لِّبَاسٍ

پاڻ ڪريم ﷺ قيامت ۾ الله جي اذن سان اسان جي شفاعت ڪرڻ وارا آهن ۽ هر وبا ۽ مصيبت جي گرمي ۾ هڪ بهترين لباس وارو پاڇو آهي.

وَهُوَ حِرْزٌ لَّنَا فِيْ كُلِّ حَالٍ
كَمَا "مُشْتَاقُ" يُسْقِيْنَا بِكَأْسٍ

پاڻ ڪريم ﷺ هر حال ۾ اسان جي لاءِ حفاظت ۽ پناهہ جي جڳهہ آهن، جهڙي طرح "مشتاق" پاڻ ڪريم ﷺ اسان کي جام سان (ڪوثر) پيارينداَ.

# آگهي بخشي حسين(عليه السلام)....!

١- درد کي ديوانگي بخشي حسين،
هوش کي حيرانگي بخشي حسين.

٢- عقل ۽ ادراڪ جت عاجز ٿيا،
عشق کي ات آگهي بخشي حسين.

٣- موت کي ڏيئي شهادت سان شڪست،
زندگي کي زندگي بخشي حسين.

٤- اهڙي ڪئي راهِ وفا هن اختيار،
عاشقن کي آرسي بخشي حسين.

٥- ڪربلا هئي هن ڪان اڳ ڪرب و بلا،
ڪربلا کي روشني بخشي حسين.

٦- آسمان پيو تو ڪري نوڙي نياز،
خاڪ کي عظمت وڏي بخشي حسين.

٧- ڪربلا ۾ جان جا نذرانا ڏئي،
دين کي نئين زندگي بخشي حسين.

٨- هو مديني جو چمن اجڙڻ لڳو،
تنهن کي نئين سر تازگي بخشي حسين.

٩- موت جو منظر ڏکيو آهي مگر،
موت ۾ پيو دلڪشي بخشي حسين.

١٠- مرڪندي "مشتاق" مقتل ڏي اچڻ،
راهه هن جي رهبري بخشي حسين.

# حڪايت حسين جي......!

۱- هر دل ۾ هر زبان تي مدحت حسين جي،
هن توڙي هن جهان تي حڪومت حسين جي.
۲- اڄ ما تو عشق ڪائي ۽ ٿئي تو جنون جوان،
جنهن وقت ياد پئي تي حڪايت حسين جي.
۳- خنجر جي سايي هيٺ ادا ڪئي نماز عشق،
معيارِ دين آهي عبادت حسين جي.
۴- اسلام جي بقا ۽ ايمان جي پرک لئي،
هر دور ۾ رهي تي ضرورت حسين جي.
۵- هر زندگي تي پائي جنهن کان حياتِ نو،
سا راهه حق ۾ آهي شهادت حسين جي.
۶- صبح ازل کان آهي تا شامِ ڪربلا،
هر دم روان دوان تي روايت حسين جي.
۷- لختِ جگر بہ پنهنجي هٿن سان ڪيا سپرد،
دنيا ۾ بي مثال شجاعت حسين جي.
۸- غلبو يزيديت جو ڪڏهن تي نٿو سگهي،
جنهن قوم کي عطا تي امامت حسين جي.
۹- ڪيئي غلام تنهنجا ڪندا ڪربلا بپا،
ٿيٽي نہ ختم آهي ولايت حسين جي.
۱۰- ”مشتاق“ آهيان مان آلِ رسول جو،
قربِ رسول آهي قرابت حسين جي.

# شهيد اعظم جو شان....!

١- نڪي علم و عقل گهرجي، نڪي ڪاغذ قلم گهرجي،
شهيد اعظم جو لکڻو شان آهي درد و غم گهرجي.

٢- ٻڌائي زندگي جا راز ويو صبر و رضا وارو،
وفا جي راهه ۾ سيني لڳائڻ هر ستم گهرجي.

٣- ڪيو جنهن لاالله جي راهه ۾ انڪار بيعت کان،
خدا جي دين لئي هر وقت شبيّري علم گهرجي.

٤- کهايا راهِ حق ۾ مرڪندي گهر جا سيئي ياتي،
حسين ابن علي جو حوصلو همّت ۽ دم گهرجي.

٥- تجلي طور واري ساڻ ٿو صحرا سجو چمڪي،
زمينِ ڪربلا آلِ نبي جو هڪ قدم گهرجي.

٦- ملي ٿي روشني ايمان کي ۽ عشق کي جذبو،
محبّت ۽ عقيدت جو رڳو ابرِ ڪرم گهرجي.

٧- نبي جي آل ۽ اصحاب سان ”مشتاق“ الفت رک،
خدا وٽ هر ڌرم کان اڳ محبّت جو ڌرم گهرجي.

# ذڪرِ حسين عليہ السلام...!

١- سال هجري جي هميشہ ابتدا ذڪرِ حسين،
هر محرّم آهي تجديدِ وفا ذڪرِ حسين،
٢- بحروبر ارض وسما ۾ جابجا ذڪرِ حسين،
هر جڳهہ تي فرش تا عرشِ عليٰ ذڪرِ حسين،
٣- ڪربلا هڪ راز آهي عبد ۽ الله جو،
ڇا زبان منهنجي ڪري سگهندي ٻيلا ذڪرِ حسين،
٤- ٻاهتر جا ٻاهتر زنده هميشہ واسطي،
پر يزيد جي موت بڻجي ويو سدا ذڪرِ حسين.
٥- آمرن ڏڪٽيٽرن ۽ رهزنن جي راهہ ۾،
تاقيامت ڪربلا ئي ڪربلا ذڪرِ حسين.
٦- دين جا دشمن جڏهن راڄن ۾ راتوها هڻن،
زلزلا تن جي صحن ۾ ڪيا بپا ذڪرِ حسين.
٧- ڪربلا هر دور ۾ اسلام جي تعميرِ نو،
دين لئي زنده رکيو آهي خدا ذڪرِ حسين.
٨- شان ۾ قرآن جون ڪيئي آيتون نازل ٿيون،
آيتِ تطهير آهي برملا ذڪرِ حسين.
٩- ڪربلا جي خاڪ کي خاڪِ شفا سڏجي نہ ڇو؟
تاقيامت ٿي ويو جنهن کي عطا ذڪرِ حسين.
١٠- آسمان هر دم رهي ٿو ان دعا جو منتظر،
جنهن دعا ۾ مؤمنن جي مدّعا ذڪرِ حسين.
١١- جنهن عقيدت سان جهلي جهولي شفايابي ملي،
هر مرض جي لا دوائن جي دوا ذڪرِ حسين.
١٢- اصل کان ”مشتاق“ اهلِ بيت سان الفت رهي،
وردِ دل وردِ زبان آهي سدا ذڪرِ حسين.

## يادِ ڪربلا......!

ڪربلا مان ٿي اچي اڄ ٻي صداءِ انقلاب،
ياد تنهنجي غيرتِ ايمان ۾ آڻي پيچ و تاب.
قوم مسلم کي پڙهائي وئين تون آزاري جو باب،
حق شناسي جي حمايت آهي تنهن جو اضطراب.
تنهنجي بي باڪي زمانن لاءِ عبرت جو سبق،
هر يزيدي دور ۾، همّت ۽ جرئت جو سبق.

## خونِ شهيدان.....!

مٿائي ڪين ٿي سگهجي ڪڏهن ان قوم جي هستي،
لکي تقدير جنهن جي آهي وئي خونِ شهيدان سان.

ڪٿوري ڪان رهي خوشبوءَ ۾ سرهي اها واري،
ٿئي ٿي جيڪا خون آلود قتلِ نوجوانان سان.

اها ئي سر زمين پيدا ڪري ٿي لالهٰ و گل کي،
ڪئي وئي آبياري جنهن جي خونِ عندليبان سان.

# مصنف موصوف جي قلمي ڪاوش جو مختصر جائزو

**جامِ ڪوثر:** امام شرف الدين بوصيري جي شهرهٔ آفاق تصنيف "قصيده برده" جو سنڌي ۽ سرائڪي ۾ منظوم ترجمو. لفظن جي لغوي معنيٰ ۽ سليس سمجهاڻي سان اهڙي طرح ڏنل جو عربي ڄاڻندڙ ۽ نہ ڄاڻندڙ هڪ جهڙو حظ حاصل ڪري سگهن.

**آبِ ڪوثر:** سر زمين سنڌ جي عظيم فرزند مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي ٻن عربي قصيدن "اَغِثۡنِيۡ يَا رَسُوۡلَ اللهِ" ۽ "يَا سَالِكًا طُرُقَ الۡمَدِيۡنَةِ طَيِّبَةً" جو جام ڪوثر وانگر روان منظوم ترجمو، لفظي معنيٰ ۽ سليس سمجهاڻي سان نهايت پرڪشش انداز ۾ پيش ڪيل.

**موتي مرجان:** سنڌي، سرائڪي، اردو، فارسي، ۽ عربي ۾ موزون ۽ عام فهم شاعري جو پنجن ٻولين ۾ علمي ادبي گلدستو، جنهن ۾ حمد، نعت، مرثيو، غزل، نظم، مسدس، مخمس، قطعات ۽ رباعيات جو دلپذير مجموعو موجود آهي.

**اڪر اڪر عشق:** سنڌي ٻوليءَ ۾ غزلن جو اهڙو گلدستو جنهن کي پڙهڻ سان هر قاري ائين محسوس ڪندو تہ هي سندس اندر جو آواز آهي.

**موتي مٺيادار:** حمدِ باري تعاليٰ ۽ نعت نبي ﷺ تي شامل سوزسڪ، عشق و محبت، ادب ۽ احترام جي ڀرپور اظهار جو شاهڪار. عاشقان رسول الله ﷺ لاءِ ناياب تحفو.

**آدابِ رسول الله ﷺ:** آيات قرآني، احاديث نبوي، اقوال ۽ آثار صحابه، ائمه دين ۽ عاشقانِ رسول ﷺ جي اقوال زرين سان سينگاريل ايمان افروز ڪتاب، هر مسلمان جي ضرورت.

**معراج النبي ﷺ:** شبِ معراج جي عظيم واقعي ۽ معجزي جي قرآن مجيد جي تفسيرن، احاديث جي روايتن، سيرت ۽ تاريخ جي مستند ڪتابن جي حوالي سان هڪ تحقيقي ڪاوش.

**گلزارِ حبيب:** نعتيه ڪلام، سنڌي ۽ سرائڪي زبان ۾ چيل مولود ۽ نعت جو محبت ڀريو مواد.

**حضرت علي (عليه السلام) جو نظام حڪومت:** باب العلم، خليفهِ چهارم حضرت علي عليه السلام جي اسلامي مملڪت لاءِ نازڪ دور ۾ ڪيل لازوال ۽ بي مثال نظامِ حڪومت جو ذڪر.

**سوز و ساز جا نغما:** نظم، قطعات، رباعيات، مخمس، مسدس جي شاعرانه صنفن ۾ بي شمار خوبين سان سهيڙيل اهڙو مجموعو جنهن کي پڙهڻ بنا رهي نٿو سگهجي.

**صحيفهٔ عشق:** اردو ۽ فارسي ڪلام جو غزل، نظم، ۽ قطعات تي مشتمل مجموعو. هن کان علاوه حضرت مولانا عبدالرحمٰن جامي جي تصوف واري شاهڪار "لوائح (فارسي)" جو سنڌي زبان ۾ منظوم ترجمو سليس سمجهاڻي سان ۽ "اسلامي تصوف" نالي سان ڪتابن جو مواد آخري مرحلن ۾ آهي. اميد تہ عنقريب پڙهندڙن جي هٿ ۾ هوندو.

هر درد کا آ درد نرالو حسين جو،
هر درد جو علاج آ نالو حسين جو.
اسلام جي حقيقت ايندي نہ سمجھ ۾
هوندو نہ هن ۾ جيسين حوالو حسين جو.

عزم عالي امام ياد آهي،
ڪربلا جو مقام ياد آهي.
پيش تحفا رضا جا ٿيندا رهيا،
خون آشام شام ياد آهي.

# عزمِ حسين عليه السلام.....!

١- ڪربلا جي پار ڪان آهي گهلي اهڙي هوا،
هر طرف ظاهر ٿين پيا معجزن تي معجزا.
دشمنن جا هوش، حيلا، حوصلا آهن خطا،
جڻ لهي ميدان ۾ آيا خدا ۽ مصطفيٰ.
پنهنجي ئي تلوار تيرن جو شڪاري ٿيا شڪار،
آمريڪا، روس، يورپ هر جڳهه آهن خوار.

٢- ٿيندي قبرستان دشمن جو، عراق جي سرزمين،
شرم واري آ شڪست ان جو مقدّر باليقين.
مالڪ الملڪ آهي مؤمن جو محافظ ۽ معين،
آسمان توڙي زمين تي نعرهءِ "فتحٌ مّبين".
ولولي، جذبي حسيني جو اهو آهي ڪمال،
جو سپر پاور جي قسمت ۾ ويو لکجي زوال.

٣- ڪيئن حزب الله اسرائيل ڪان ٿيو ڪامياب،
ڪيئن صيهوني حڪومت جا ٿيا ناڪام خواب.
ڪيئن ماٽي سوپ، دشمن تي سپاهِ بوتراب،
ڪيئن ميزائيل بڻجي ويا ابابيل ۽ عقاب.
ساري دنيا هن حقيقت جي مٿان حيران آهه،
ناهه انسانن جي طاقت هي خدا جو شان آهه.

٤- اتّحادي فوج جو افغان آهن امتحان،
پنهنجي ڌرتي جي دفاع ۾ نڪتا آهن نوجوان.
بي خطر بي خوف ٿي قربان ڪن ٿا مال و جان،
موت جو پيغام بڻجي ويا عدو لئي طالبان.
ڏيندا افغاني يقينن آمريڪا کي شڪست،
ٿيندي پوري خطّي تي مضبوط مسلم جي گرفت.

٥- جيڪڏهن جذبو حسيني اڄ بہ آهي موجزن،
جيڪڏهن سر سان ٻڌون رنگين شهيدن جو ڪفن.
جيڪڏهن جاڳي پون پيروجوان ۽ مرد و زن،
جيڪڏهن زينب جو محفوظ آهي رڪٽو پيرهن.
مات ملندي هر يزيدي فوج جي يلغار کي،
ٿيندي قدرت کان عطا صورت نئين سنسار کي.

٦- معرڪهٔ حق ۾ نہ هٿيارن جي حاجت ٿي رهي،
معرڪهٔ حق ۾ نہ لشڪر جي ضرورت ٿي رهي.
معرڪهٔ حق ۾ نہ حاجت مال و دولت ٿي رهي،
معرڪهٔ حق ۾ نہ ڪنهن جو رعب وهيبت ٿي رهي.
معرڪهٔ حق ۾ کپي "مشتاق" ٿو عزمِ حسين،
معرڪهٔ حق جو نتيجو ڪربلا بدروحسين.

# عزمِ حسين عليه السلام

١- عزمِ حسين ته باطل کي بدلٽو آهي،
عزمِ حسين ته مقتل تي مرڪٽو آهي.
عزمِ حسين کي هر دور جي يزيد اڳيان،
ٻڌائي عشق جو اڳوان پرڪٽو آهي.

٢- عزمِ حسين نقارو مزاحمت جو آ،
عزمِ حسين سهارو مدافعت جو آ.
عزمِ حسين ته انڪار آهي بيعت جو،
عزمِ حسين ته مارو يزيديت جو آ.

٣- عزمِ حسين ته پيمان زندگي آهي،
عزمِ حسين ته پيغامِ روشني آهي.
عزمِ حسين ته آ دعوتِ رضا تسليم،
عزمِ حسين ته معراج بندگي آهي.

٤- عزمِ حسين ته سر جي سخا جو نالو آ،
عزمِ حسين ئي اسلام جو حوالو آ.
عزمِ حسين جي دعويٰ ڪرڻ ته سولي آ.
عزمِ حسين جو رستو صفا نرالو آ.

٥- عزمِ حسين ته ايمان جي علامت آ،
عزمِ حسين ته الله وٽ عبادت آ.
عزمِ حسين ۾ آهي رسول جي الفت،
عزمِ حسين ناهي ته چڻ قيامت آ.

٦- عزمِ حسين ته سوغات ڪائنات آهي،
عزمِ حسين ته هر فرد جي حيات آهي.
عزمِ حسين ۾ آهي پيلو جهانن جو،
عزمِ حسين ته "مشتاق" جي نجات آهي.

# قطعات

آهي نبي سان عشق محبّت حسين جي،
الله جي اطاعت، اطاعت حسين جي.
سمجهڻ گهرو ٿا فلسفو جي لا اله جو،
تشريح ان جي آهي شهادت حسين جي.

❁❁❁❁

امت ۾ جيڏو شان آ آلِ رسول جو،
ايڏو ئي امتحان آ آلِ رسول جو.
پرکڻ گهرو ٿا پنهنجي ايمان کي اگر
موجود داستان آ آلِ رسول جو.

❁❁❁❁

دنيا ۾ بي مثال شهادت حسين جي،
الله کي پياري عبادت حسين جي.
غلبو يزيديت جو ان قوم تي نہ ٿيندو،
جنهن قوم کي عطا ٿي قيادت حسين جي.

❁❁❁❁

صورت يزيد جي ۾ ماڻهو جتي ڪٿي،
سيرت حسين جي ۾ ڳوليو نٿو لڀي.
موجود قافلي ۾ عزادار سو هزار
ليڪن نہ هڪ حسين علمدار ٿو هجي.

❁❁❁❁

# کربلا کی روشنی......!

۱- جلوہ گر، قلب و نظر میں کربلا کی روشنی،
سینہ کوبی، چشمِ تر میں کربلا کی روشنی۔

۲- پہلے جو چمکی بدر میں مصطفیٰ کی روشنی،
دیکھی پھر مردانِ حر میں کربلا کی روشنی۔

۳- مل نہیں سکتی کبھی تاریخ میں اسکی مثال،
باہتر کے باہتر میں کربلا کی روشنی۔

۴- حر کو مردِ حر بنا گئی الفتِ آل نبی،
پر نہ ہوئی داخل شمر میں کربلا کی روشنی۔

۵- آج بھی جبر و ستم کا کر رہی ہے پیچھا دیکھ،
ہر گلی میں ہر شہر میں کربلا کی روشنی۔

۶- راہ حق میں سرفروشی کا ہے جاری سلسلہ،
ہر شہادت کی خبر میں کربلا کی روشنی۔

۷- ظلم کے لشکر سے ٹکرانے کے ذوق و شوق میں،
اب بھی ہے اہلِ نظر میں کربلا کی روشنی۔

۸- ہر عراقی سربکف ہے آج امریکہ خلاف،
پھیل گئی ہے بحر و بر میں کربلا کی روشنی۔

۹۔ بش علامت ہے یزیدی فوج کی یلغار کا،
ہر جوان کے دل جگر میں کربلا کی روشنی۔

۱۰۔ پھر حسینیّت کا مظہر ہے عراق کی سرزمین،
گھر کے ہر دیوار و در میں کربلا کی روشنی۔

۱۱۔ ہو شہادت یا عبادت یا امامت کا مقام،
ہے ضروری ہر سفر میں کربلا کی روشنی۔

۱۲۔ ہے نبی کی آل سے نسبت غلامی کی مجھے،
مل گئی بچپن سے گھر میں کربلا کی روشنی۔

۱۳۔ جس کی دل میں موجزن "مشتاق" ہو ذکرِ حسین۔
اس کی ہر شام و سحر میں کربلا کی روشنی۔

# سچاروي غلام حسين ”مشتاق“

سنڌ جي سونهاري سر زمين جي مردم خيز خطي پاٽ شريف جي پاڙي ۾ ڳوٺ شهداد خان براهيماڻي ۾ غلام حسين ولد رئيس ٻڍو خان ۱۰ مئي ۱۹۳۶ع تي پيدا ٿيو. پنجن سالن جي عمر ۾ والد ماجد جي سايهء شفقت جي محرومي بعد والده ماجده جي شفقتن ۾ پرورش پاتي. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪري سنڌي فائينل امتيازي نمبرن سان پاس ڪئي. سنڌيونيورسٽي حيدرآباد مان ايم اي عربي (گولڊ ميڊل، سلور ميڊل) ايم اي اردو، ۽ ايل ايل بي فرسٽ ڪلاس سيڪنڊ پوزيشن ۾ پاس ڪئي. درس نظامي جو فارغ تحصيل، عربي فارسي جو عالم فاضل آهي. ڏهه سال هاءِ اسڪول ۽ ڪاليجن ۾ استاد رهيو. ۱۹۶۸ع کان ۱۹۷۸ع تائين پاڪستان آرمي ۾ ڪيپٽن جي عهدي تان ميڊيڪل گرائونڊ تي رٽائر ٿيو. انهيءَ دوران فيڊرل ايجوڪيشن منسٽري ۾ اسسٽنٽ ايجوڪيشنل ايڊوائيزر ۽ فارين اسٽوڊنٽ ايڊوائيزر طور ڊيپوٽيشن تي ڪم ڪيو. ڏهه سال ميرپور خاص ۾ فرسٽ ڪلاس اعزازي مئجسٽريٽ رهيو. انهيءَ دوران سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ميرپورخاص، فاران ڪلب انٽرنيشنل ميرپورخاص، لطيف ڪائونسل روٽري ڪلب ميرپور خاص ڊسٽرڪٽ ڊس ايبلڊ ۽ ريهيبليٽيشن سينٽر ميرپور خاص ۽ هلال احمر جهڙن ادارن جو صدر ۽ جنرل سيڪريٽري به رهيو. پبلڪ اسڪول ميرپورخاص جي بورڊ آف ڊائريڪٽرس جو ميمبر ۽ ڪيترين ئي سماجي تنظيمن جو روح روان رهيو. ۱۹۸۸ع کان ۱۹۹۸ع تائين روزانه سرواڻ جي باني چيرمين چيف ايڊيٽر ۽ پبلشر طور ڪم ڪيو. سال ۱۹۸۰ع کان ماتحت عدليه ۽ ۱۹۹۰ع کان عدالتِ عاليه جو ايڊوڪيٽ آهي. پندرهن سالن جي ڄمار ۾ قلم سان ناتو جوڙي شاعري شروع ڪئي. تحرير ۽ تقرير ۾ خداداد صلاحيتن جو ڀرپور اظهار ڪيو. سندس قلمي پورهئي ۾ جامِ ڪوثر، آبِ ڪوثر، موتي مٽيادار، اکر اکر عشق، موتي مرجان، گلزارِ حبيب، سوزو ساز جا نغما، صحيفهٔ عشق، سنڌي، سرائڪي، اردو، عربي ۽ فارسي شاعري جا نادر نمونا آهن. نثر ۾ آدابِ رسول الله ﷺ، معراج النبي ﷺ، حضرت علي رضي الله عنه جو نظامِ حڪومت، لوائح جامي جو منظوم ۽ نثري ترجمو ”اسلامي تصوف“ جهڙا ڪتاب سندس علمي ادبي خدمتن جو ثبوت آهن. انجمن آفتابِ ادب حيدرآباد جي جنرل سيڪريٽري طور فرائض سرانجام ڏيڻ ۽ علمي ادبي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺڻ تاحال جاري آهي. سندس رفيق حيات ايم اي پوليٽيڪل سائنس آهي ۽ اولاد ۾ پروفيسر ڊاڪٽر طٰحٰہ حسين علي مهران يونيورسٽي آف انجنئرنگ ڄام شورو ۾ پروفيسر ۽ رجسٽرار آهي. ڊاڪٽر سعد حسين پٽ ۽ ڊاڪٽر سمن منگريو نياڻي ٻئي برطانيه ۾ ميڊيڪل ڊاڪٽر آهن. پاڻ سنڌ جي عظيم شهر حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي. شاعري ۾ پهريائين ”لاغر“ بعد ۾ ”مشتاق“ سچاروي جي نالي سان تخلص لکندو اچي. غزل ۽ نعت سندس محبوب موضوع آهن. تاحال قلمي پورهيو جاري آهي. الله ڪري زور قلم اور زياده.

بسم اللہ الرحمٰن الرحیم

اللّٰھم صلّ علیٰ محمدٍ

وّعلیٰ آلِ محمدٍ کما صلّیت

علیٰ ابراھیم وعلیٰ آلِ ابراھیم

انّک حمیدٌ مّجیدٌ

اللّٰھمّ بارک علیٰ محمدٍ وّعلیٰ

آلِ محمدٍ کما بارکت علیٰ

ابراھیم وعلیٰ آلِ ابراھیم

انّک حمیدٌ مّجیدٌ